
حويليءَ جا راز
ماڻڪ

# سٽاءُ

## حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)


| | | |
|---|---|---|
| اڳهاڙو سچ | شوڪت حسين شورو | 5 |
| آس نراس | مالڪ | 7 |
| حويليءَ جا راز | | 9 |
| ٻاهر ٻاڱ نه نڪري | | 12 |
| حقيقت ۽ دوکو | | 22 |
| هڪ ڪهاڻي سواءِ سري جي | | 34 |
| پلاٽد | | 52 |
| ڪاري | | 63 |
| پهرين انام ڪهاڻي | | 68 |
| ٻي انام ڪهاڻي | | 74 |
| ٽي انام ڪهاڻي | | 84 |
| بيٽل ڦيرو | | 92 |
| وقتائتو موت | | 402 |
| ڪلارڪ جي پهرين تاريخ | | 105 |
| اتساهه جو موت | | 109 |
| مٿل زندگي | | 112 |
| نوٽبڪ / ڊائريءَ منجهان | | 119 |
| انسان ٻوءِ- انسان ٻوءِ | | 121 |
| روبوٽ | | 124 |
| گيس چيمبر | | 126 |

# حويليءَ جا راز (ڪهاڻيون)

## • اگھاڙو سچ

ماٽڪ: بيرحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ. سنڌي ليکڪن جي ڊگھي قطار کان هٽيل، ڪٽيل ۽ الڳ. جنهن کي سنڌي ادب جا تارا نيڪيدار ليکڪ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کانپوءِ گاريون ڏيندا آهن.

ڏسڻ ۾ بنھہ سادو، ابوجھہ، پر اصل ۾ ميسوڻو. اڳ ۾ گرم بحث ڪندڙ، هاڻي گھڻو ڪري خاموش رهندڙ. من ۾ خطرناڪ ڳالهيون سوچيندڙ ۽ رڳو سوچيندڙ نہ. جيڪڏهن هو اُهي خطرناڪ ڳالهيون من ئي من ۾ سوچيندو رهي تہ اسين سڀ ڊِڪ ۾ رهون ها. اسين سڀ الائجي ڇا ڇا سوچيندا آهيون، الائجي ڇا ڇا ڏهاڙي ڏسندا رهندا آهيون- گنديون، ڪنيون، واهيات ڳالهيون. پر پاڻ ئي انهن تي لڄي ٿيندا آهيون، پنهنجو پاڻ کي ڇنڀيندا آهيون ۽ مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون تہ اسان جي چوڌاري اهو گند بہ آهي.

اسان وٽ ڪلاسيڪي چوڻي آهي تہ گند کي ڦلهوريو تہ ڌپ ڪندو. هن نئين دور ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون، اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب پڻ آهيون، اسين سچ کي، حقيقت کي ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

۽ ماٽڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوھہ آهي ئي اهو تہ هو اگھاڙو سچ تو پيش ڪري- هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. آئون ڄاڻان ٿو تہ اسان مان گھڻا ان ڳالهہ کي قبول نہ ڪندا. ها، جي چاهين تہ ماٽڪ کي دل کولي گاريون ڏئي سگھن ٿا، پر اهو خيال رکن تہ وڏي وات گاريون ڏيندي گفتون وهائيندي، رڙيون ڪندي، ڪٿي ڇرپا نہ ٿي پون ۽ ڪپڙا لاهي رستن تي ڊوڙڻ نہ لڳن. نہ، اسين مهذب ماڻهو آهيون. اسين رڳو بحث ڪنداسين ۽

ماڻڪ ڳي آهستي آهستي فضيلت سان ۽ ٽي ڪچيون ڳاريون ڏئي ڇڏيندا آهين. تهذيب ۾ رک رکاءُ، مصلحت پسندي ۽ ٿوري منافقت اڻ ٽر آهن.

۽ انهن ٿي ڳالهين کي نون ڪهاڻيڪارن ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي. ٽڏي ڇڏيو آهي. روايتن جو ليکو لنگهي ويندڙ، اگهاڙو سچ پيش ڪندڙ-لڙهندڙ نسل جا ليکڪ- جن ڪڏهن پيغمبر هئڻ جي، سونهين هجڻ جي دعوي نه ڪئي آهي. هو پنهنجي ذهن جو، پنهنجي وجود جو بار لکڻ وسيلي لاهڻ چاهين ٿا. ۽ اهو رڳو هڻ جو بار ڪونهي، سڄي، نئين ٿهيءَ جو بار آهي، نين حالتن جو بار آهي. ماڻڪ ان بار لاهڻ جي، اسان سيني کي آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**شوڪت حسين شورو**

[ماڻڪ جي ڪتاب "رج ۽ پڙاڏا" ۾ اڳ ڇپيل]

## ● آس/ نراس

اونده انڌڪار . جيــون وڍيل . ڪيڻ ڏوه ٻڌيل . سنڌ: هڪ تاريخي سچائي. سنڌ تنهنجو ناءُ ورتم، ڇڻ ڪاريهر تي پير پيم -(اياز).

مجيل سچائين/ حقيقتن کان انڪار، هٿي ڀاسي سڄي ڌرتي تي واڙيل انسان گيس چيمبر ۾ بند. وڏا واڪا، تن ۾ هڪ ٿي پڙاڏو. جو اسين چئون ٿا / ٻاڪاريون ٿا، سو ساڀيان آهي! ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه هن ديس ۾.......

جنهن دؤر مان اسين گذري رهيا آهيون، جڏهن تاريخ جي قيڻن ڪي، تاريخ جي قاعدن ۽ انسان جي تخليقي سوچ بدران اُره زورائيءَ سان ٻوٽتي ڏڪيوبيو وڃي. انهن حالتن ۾ قومي ادب وسيلي اظهار وڏي اهميت ته رکي ٿو: پر جيڪڏهن وڏاءَ کان ڪم نه وٺون ته: جنهن حالتن مان اسان گذري رهيا آهيون، تن ۾ ادب، ٺلهو ادب پيدا ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه نه آهي، پر هڪ ساهه پساهه کڻندڙ، سرت رکندڙ ۽ ساڃهه ڀريو ذهن رکندڙجي حيثيت سان اسان تي ٻيون به گهڻيون ذميواريون پون ٿيون. اهي ذميواريون جيڪي ڪنهن واڙيل ۽ خاص طور نسل ڪشيءَ جي شڪار ٿيل ساڃهه وارن انسانن تي ٻڌل قوم تي پون ٿيون. هن ڏس ۾ ادب جي اهميت ۽ ان جي ڪردار کان انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخ ۾ اهڙين حالتن هيٺ، جن مان اسين گذرون پيا، ادب نهايت نمايان ۽ ڀرپور ڀاڱو ورتو آهي. ۽ نه رڳو پاڻ - ٻسڄاڳي يا ساڃهه، جيڪا پنهنجي ئي کل ۾ بند ٿيل هجي، ڪو نتيجو ڪڍي ٿي، جيستائين اِن ڪي، ڦرندڙ ۽ تاريخي گهرجن پٽاندڙ عملي روپ نه ٿو ڏجي.ادب يا اديب به هن کان آجو ڪونه آهي، پلا ٻيو ڪجهه به نه ٺلهو ذڪر ته ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته: اديب/ قوم جي ذميدار ڪردارن مان هڪ آهي.

ڪنهن به قوم جي وجود جي ناتي سان گڏ، تخليقي ادب کان انڪار ڪرڻ- ته سچائيءَ کان مُنهن موڙڻ آهي، پر اکيون بند ڪرڻ پڻ. جو ڪجهه وس ۾ آهي، ۽ قاعدن قانونن جي زنجيرن ۾ ڦاٿل، پر اتساهه سان ڀريل، ۽ جٽري جاڳندي احساس سان ٽٻ ٽار ٿيل، جيڪڏهن اها ڳالهه ڪليل لفظن ۾ چئجي ته: قومي ڏوه جي احساس- ٿياس تي تنگيل نوجوان، پنهنجي ذاتي، قوميءَ مانَ واري جياپي لاءِ اوسر ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. ادب جي تخليق انهن روين مان هڪ آهي. ڇٽڪ گهاڻي ڪاري ڪڪريءَ ۾ ڦاٿل، سڄ مان نڪتل هڪ ترورو. جٽري

جاڳندي، پر وکڙ ۾ آيل. ڦاٽل پساهه جي هڪ انساني ناتي، سماجي طور قومي وجود رکندڙ ساڃهه ۽ حساس، انسان جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ قومي آئيڊنٽٽي جي بقا لاءِ، پاڻ کي جهڙو رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ . آڪاش سان پاڻ ملائڻ لاءِ ۽ دنيا جي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ لاءِ.

پر اسان لاءِ بنيادي سوال آهي. سڀ ڪان پهريون پنهنجو جياپو، قومي سڃاڻپ سان.هن وقت جن حالتن مان اسين گذرون پيا. انهن پٽاندڙ جيڪڏهن اسين تلهو ۽ تلهو رڳو ادب تي پارينداسين (ادب جي اهميت کان انڪاري نه ٿيندي) ته اها تاريخ سان ۽ پنهنجي وجود سان ويساهه گهاتي، دغا ۽ پاڻ تڳڻ جي برابر ٿيندو. هن مامري ۾ هيءَ حقيقت ڪنهن به حالت ۾ اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اسين نه روسي آهيون، نه ويتنامي، نه ڪيوبائي ۽ نه ئي وري آفريڪي. بنيادي تبديلين جي ڏس ۾ ٻين جي تجربن مان سکي ۽ پرائي ته سگهجي ٿو، جو اهي تجربا، پوءِ سماجي تبديلين جا هجن يا سائنسي اوسر جا. ڪنهن خاص ملڪ جي، قوم جي ميراث نه هوندا آهن، پر پوري انسان ذات جي ملڪيت هوندا آهن. ان مان اهو مطلب نه وٺڻ گهرجي ته: اسان جيئن جو تيئن انهن جي ڪاپي ڪيون. قومي بقا ۽ اوسر جي بنيادي تبديلين ۾ تخليقي سوچ ته بنيادي عنصر آهي، پر تاريخ مان پرائيندي، قوم جي نفسيات، مزاج، حالتن، ڦيرن ڦايرن ۽ ويرن جي اٽڪلن، چالن کي به آڏو رکڻو پوي ٿو، ۽ ان کان پوءِ ئي پنهنجي سرجڻ، بقا ۽ اوسر لاءِ پتوڙڻ جي حڪمت عملي ۽ تلن ۽ اٽڪلن جي جوڙجڪ ڪرڻي پوي ٿي، وقت ۽ موقعي مطابق ڦيرڦار تي پوي ٿي. اڳوات گهڙيل ۽ ٺاڦيل نظرين (Degmes) جي پوئواري، انڌي جي لٺ آهي، جيڪا گهڻو ڪري پنهنجن کي ئي ٽڙي لڳندي آهي. هن ڏس ۾ گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر....

ادب ۽ حياتيءَ جڻ ڪو هڪ ٻئي لاءِ ئي جنم ورتو آهي. جتي ادب زندگيءَ مان تخليق ٿئي ٿو. اتي، ادب به زندگيءَ کي تخليق ڪري ٿو. اسان وٽ اڄ ڪلهه جيڪو ڪجهه مائي ماحول جي باوجود ادب/ شاعري سرجي ٿي پئي، ان ۾ وقت جي اولڙي سان گڏ. خاص طور فارم ۾ ڪيترائي سٺا ۽ ڪامياب تجربا ڪيا ويا آهن. ادبي لحاظ کان اسان جي آڏو انهن جي اهميت آهي، جو اسين پنهنجي فني اظهار جا ڪيترائي روپ پڌرا پيا ڪيون. البت هن ڏس ۾ لاڙي جي خيال کان، ڪيترن ئي ادبي- فني اختلافي مسئلن منهن ڪڍيو آهي، مثال طور ياجوڪڙائپ (Escepiam) فراريت، نراسائي، رجعت پسندي، اُبهام، تجريت، ذهني مونجهارا وغيره. اُن کي ليکن ۾ پيدا ٿيل نراسائي چئي سگهجي ٿو، پر ٻئي سري سان ڏٺو وڃي ته تاريخ جي سچائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن، دور مان

ڪي بخشائي هئائون."

"ڪنهن سان ڀڳي؟"

"جمعي شيديءَ سان."

"جمعو شيدي! ڪهڙو جمعو شيدي؟"

"اڙي اهو ئي جمعو شيدي، جيڪو حويليءَ جو پاڻي ڀريندو هو. جنهن کي ڏاڏو، ڏاڏو ڪري ڪونہ ڇوندا هئاسين."

"اڙي اهو! ڊانگيءَ جهڙو روڏو ڊڪ!"

"هائو، هائو،" حڪيم وڏي رازدارانہ نموني ۾ انتهائي آهستي ڳالهائي پئي رهيو هو تہ پنهنجا ڳاڙها گول گول ڏوڏا ٻہ ڦرڙائي رهيو هو. آءُ سن وچان حڪيم جو منهن تڪي رهيو هوس.

"اڙي واڄ گودو ئي وٺي اٿئي. سمجهين ڇا تو ٻچا. زمانو ترقي تي آهي. ماڻهو چنڊ تي پيا پهچن......."

ساهہ روڪي لاڳيتو ڳالهائڻ ڪري، حڪيم جو سينو ڀرجي آيو ۽ وات سان ڊگهو ساهہ کڻي اڳتي چوڻ لڳو، "آخر هي ڪيستائين ٿهر جا ڪوٽ رهندا نيٺ تہ ڪرندا. ڏين سان ظلم تہ ڏسو، انسان جي قرآن سان شادي! سا بہ زالئان! حڪيم جالينوس جو قول آهي تہ عورت کي مرد کان چاليهہ دفعا وڌيڪ نفسياتي خواهش ٿيندي آهي- ڇڳو ڪيائين. نہ تہ حويليءَ ۾ عمر ڳري وڃيس ها. عمر. جيئن پيڻ پيبين جون عمريون پيون ڳرن. هون! قران سان ٿي عورت پرڻجي، واهہ ڙي سنڌ جا سيد........."

حڪيم پنهنجي منهن ڳالهائيندو رهيو.

حڪيم جون اهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجي ذهن ۾ هڪ ٽات ڏيندڙ ڪرنٽ ايريو، "سائين ڏنل شاهہ جي ننڍي ۾ ننڍي نينگر؟ اڙي ان جو نالو شهہ بانو هو. وڏي بيبي ڪيس پيار مان شاهو ڪري ڪوٺيندي هئي. شاهو؟ ڏاڏي شيديءَ سان ڀجي وئي! ڏاڏي شيديءَ سان!! هڪ روڏو، بنو ۽ ڊڪ جهڙو بن مانس، ان سان!!" مون پي خيالي ۾ پڇڪيو ۽ حڪيم ڏي نهاريم تہ ڪٿي هن ٻڌو تہ ڪونہ. پر هو وري پنهنجي ڌن ۾ محو، کرل ۾ دوا ڪرڙي رهيو هو تہ پنهنجي منهن ڳالهائي بہ رهيو هو.

خيالن جو سيلاب ڇڻ، ذهن جي وسيع وادي ۾ پلٽجي پيو ۽ لاشعور جي ڪندرن ۾ تهہ ٿيل ننڍپڻ جي ماضيءَ جون يادگيريون ميڻ وانگر وڃي شعور جي سطح تي اڇڻ لڳيون.

"مان جڏهن ننڍو هوس، اٺ- نون سالن جو. سيدن جي حويلي

واڏڻ کان بيٺو هوس ته بيبيءَ وڏيءَ مون کي سڏي، منهنجي منهن ۾ غور سان ڏسندي چيو، "ابا، تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين، منهن ۾ مڇن جي ساوڪ به لهي آئي اٿئي، ان ڪري اندر حويليءَ ۾ نه ايندو ڪر، باقي ڏڌ لاءِ پنهنجو ننڍو ڀاءُ موڪليندو ڪر، يا تون ئي ٻاهر سڏي وٺي ويندو ڪر."
انهيءَ آخري ڏينهن تي بيبي جنان مون کي پاڻ سان گڏ گهڻي مهل سمهاريو هئو ۽ هوءَ ٻه ٽي دفعا ساڻي ٿي هئي. آخري دفعو ڀاڪر ۾ مون کي پاڻ ڏانهن زور سان ڀڪوڙيندي چيو هئائين، "تون مونکي هتان ڀڄائي هل، ڪنهن ڏوراهين ديس." مان سندس اهي اکر ٻڌي ڏڪي ويس ۽ ڀاڪر ڍلو ڪري، ٻک ڇڏائيندي ورائيم، "نه نه، آءٌ توکي ڪيڏانهن وٺي ويندم. تنهنجي ته شادي قرآن سان ٿيل آهي نه. تون ته قرآن کي ٻشڪيل آهين ڪين. مان توکي ڀڄائيندس ته قرآن منهن جا سنڌ سڪائي ڇڏيندو." هن ڍري ٿيل ڀاڪر ۽ ٽنگن جي ٻک کي مضبوط ڪندي، جوش ۽ جذبي منجهان وڌيڪ زور ڏيندي چيو، "تون اڃا ڪڪي جو ڪڪو ئي آهين، پر ڏس منهن جا من، حويليءَ جي پٺئين پاسي، هو جو پير جو گهاٽو وڻ آهي نه. اتي لڪي لڪي ايندو ڪر. هاڻي؟ ايندين نه منهنجا جاني، مان توکي ڏوڪڙ به جام ڏيندس." مون کيس ڪو به جواب نه ڏنو.
خيالن جو سلسلو هلندو رهيو. مهراڻ جي موجن جيان: "بيبي شهه بانو، بيبي جنت جي ننڍي ڀيڻ هئي. هوبهو جنت جهڙي. اڃا به بيبي جنان کان سونهن ۾ سرس هئي. ان جي شادي به بيبي جنان وانگر، سيدن قرآن شريف سان ڪرائي، ڪيس حق بخشائي ڇڏيو هئائون. ڇا بيبي شهه بانو به جمعي شيديءَ سان سمهندي هوندي؟ جيئن بيبي جنان مون کي ڀڄائڻ لاءِ چيوهو، تيئن بيبي شهه بانو به جمعي شيديءَ کي ڀڄائڻ لاءِ چيو هوندو؟ تڏهن ته ڀڄائي ويس. پر جمعو شيدي ته صفا ڪنو هو. رنگ دانگيءَ جي تري جهڙو، ڪارو نڪ منو، منهن تي ماتا جا داغ، جهڙو هو دک، ان سان ڀڄي ويئي! بيبي ته هئي ملوڪ! جهڙو گلاب جو گل.... مان ته ٻاڙي آهيان. نپٽ ٻاڙي. ڏاڏي شيديءَ وانگر، مان به بيبي جنان کي ڀڄايان ها ته لٺ ٿي وڃي ها..... پر هوءَ ته سيد جو ٻار هئي، ٻنهي جهانن جو آسرو، تنهن ڪانسواءِ سائين ڏنل شاهه جي نياڻي، جيڪو لکن جو مرشد، ڪامورا ڪڙا هن جي در جا ٻيلي....
اهي خيال پچائيندي، منهن جي ذهن ۾ سائين ڏنل شاهه بادشاهه جو جلالي چهرو اڀري ويو. شراب جي نشي ۾ خمارئل ۽ ٽانڊن وانگر ٻرندڙ

اکيون، ٿلهن ۽ ڪارن ڇپن مٿان مروٽيول ڊگها شهپر، ماس ڀريل منهن، ٿلهو ڪنڌ، جنهن سان لوٽو ورائي ڪوڏ سگهندو هو. پنهنجي ٿلهي ڪنڌ کي پوٺتي ڪري جڏهن ٽهڪ ڏيندو هو تہ ڄڻ گجگوڙ پوندي هئي. سندس شڪل ياد ڪري مون کي ڏڪڻي وٺي وئي.

"جمعي جو خير ڪونهي، سيدائي پڄائي ويو آهي. سا بہ سائين ڏنل شاهہ جي نياڻي، سنڌ جو سيد سردار، ذات ذات ڏاڍيل سندس هردم سلامي، ڪامورا سندس پيالي پائي. تنهن ڪانسواءِ وڏو ميمبر. جمعي کي سائين ڳترا ڳترا ڪرائي ڇڏيندو." مون ڪان پٽڪ نڪري وئي. "پر جيڪڏهن منهنجي خبر پئجي ويس تہ-؟" اهو سوچي منهنجو هانءُ ئي ڏڙڪجي ويو.

"ميان پنهنجي منهن الائي ڇا پيو چئي؟". هڪ تہ سڄي ڏينهن ۾ ڪو گراهڪ نہ وريو آهي، وري تون بہ الائي ڪهڙن خيالن ۾ ٻڏل." حڪيم موڙي کي ريڙهي منهنجي پرسان اچي ويهندي چيو:

"مان سوچيان پيو تہ سائين ڏنل شاهہ، جمعي شيدي جا لاهہ ئي ڪيرائي ڇڏيندو." ڇا جو بابا، اهي سيد رڳو سنڌ ۾ شينهن ٿين. سنڌ کان ٻاهر موڳا صفا للو." حڪيم ورائيو. "پر سائينءَ جا مريد سنڌ کان ٻاهر بہ تہ آهن نہ. سائين پنهنجي تي اچي تہ جمعي جا سرنهن جيڏا داڻا ڪرائي ڇڏي." مون چيو.

"ڇڏ ڙي يار، اهي سنڌ جاماٺهو آهن، سادا ۽ ابوجهہ، نہ تہ ميان زمانو الائي ڪٿي وڃي پهتو آهي. ابا، هينئر اهڙو سٽائو واءُ لڳو آهي، جو مرشدن جون مريديون بريديون ويون ٻن ۾. جي مريد. مرشد جون نياڻيون ٿا پڄائين، سي ورائيندا وري ڪٿان."

"پر حڪيم صاحب، بيبي تہ قران کي بخشيل هئي نہ. آخر تہ رب جو سچو ڪلام آهي. جمعي جا سنڌ ڪين سڪائيندو؟"

ان تي حڪيم صاحب وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، "ميان ماڻ تي پلي، اها سيدائي انهيءَ روڏي کي ڦبي. پر بيلي." حڪيم صاحب وري چوڻ شروع ڪيو، "جمعي کي جس هجي، مجڻ مراد آ. مڙس جو پٽ هو سائين. ها. ڪا ڳالهہ آ!"

حڪيم صاحب جا اهي لفظ مون کي تير تي لڳا. لڳم، ڄڻ حڪيم صاحب مون کي چئي رهيو هجي تہ تون وڏو پاڙي هئين.

سهڻي 1967ع ۾ ڇپيل.

لونڊڙين وٽ اچي نڪا۽ ڏنو. شرم ۽ نفرت وچان سندس منهن جو پنو ٿي لهي ويو. سندس اکيون پورجي ويون ۽ هن پاڻ کي، ذهن جي دونهين ۾ بوساٽجندڙ محسوس ڪيو. هي پهريون دفعو ماٽس جو ڏڪار ۽ نفرت ڀريو دونهاتيل چهرو، سندس ذهن ۾ ايريو هو ۽ تنڊيڻ کان سندس ذهن ۾ ويٺل ماٽس جو مقدسائيءَ وارو خاڪو، ٻه سان اڏايل عمارت وانگر، پاش پاش ٿي ويو هو. هوءَ پنهن جي بستري تي آئي. اها سڄي رات ڪيس ننڊ ڪانه آئي هئي. عجيب ڦيرو ڏنو ۽ اهو ڪيس بنهه نه وڻيو. ان کان پوءِ هوءَ سدائين ماءُ کي ڪجهه اجنبي نظرن سان ڏسندي هئي، يا ماٽس ڪيس سچ پچ ائين لڳندي هئي ۽ ڪيس، سندس لاءِ، ماٽس جي پيار مان بڇان ايندي هئي.

هوءَ بدنو ڪٽي، پاٽيءَ سان ڀري، آڳر جي ڏيڏيءَ واري ڪنڊ ۾ پيل منجيءَ تي اچي ويٺي. هڪ ڏگهو تڏو ساهه ڀري، هٿ ڌوئڻ لڳي. هٿ ڌوئيندي هن چوڌاري اڱڻ ۾ نهاريو. اڱڻ جي ساڄي پاسي کان پيل کٽ تي سندس ننڍي ڀيڻ صابي ۽ ننڍو ڀاءُ اڪو ستا پيا هئا. پريان آخري ڇيڙي واري کٽ تي پٽس ستو پيو هو، بيپرواهه، ان کٽ تي پيو وهاڻو خالي پيو هو. ان جي ڀرسان سندس کٽ هئي، جنهن تي سندس ٻن سالن جو ڪڪو اگهور ننڊ ۾ پيو هو. پنهنجي ابهم ڪکي تي نظر پيس، ڪيس پنهنجو اهو ٻار زندگيءَ جو هڪ ڳورو ۽ پچر نه ڇڏيندڙ بوجهه لڳو.

"گهڙن ويچارن ۾ پٽجي وئي آهين امان، جود ڪر چاڻ سچ ايريو." ماٽس غسلخاني مان اشهد ڪلمون پڙهندي، وار چنڊبيندي نڪتي ۽ سندس ڀرسان لنگهي، سندس منهن ۾ نهاري، وري سٽل ٻارن ڏانهن پلهار ويندڙ نهار ڪري، پوتي ناهي وڃي مصلي تي ويٺي. ماءُ جي اها نهار ڪيس اندر جلائيندڙ ٺنولي لڳي. ڀرسان لنگهڻ وقت، ماٽس جي وار چنڊڻ ڪري، پاٽيءَ جا ڦڙا جي سندس منهن تي اچي پيا، انهن ۾ لڪس صابڻ جي هلڪي هلڪي خوشبوءِ رچيل هئي. اها خوشبوءِ ڪيس ڏاڍي وڻي. هن ماٽس کي وڃڻ وقت ڏنو، سندس هلڻ جي چال بدليل هئي. پولهه جي لوڏ ۾ جوانيءَ وارو اڙنگ موڙو ۽ ڳالهائڻ ۾ مٺاس، جنهن ۾ مامتا واري گنڀير جذبي جي بجاءِ، ماٺيل امنگ کان پوءِ چنچل نخري سان خوشيءَ جو اٿاهه جذبو ڀريل هوندو آهي. مصلي تي ويٺل ماءُ کي ترڇين نگاهن سان ڏسي، دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي، "مئي، چاليهن سالن جي عمر ۾ به پاڻ کي جوان جماڻ پئي ڀانئي." اتي ماٽس ڪيس، ماءُ کان به وڌيڪ عورت لڳي. سندس جسم ۾ ڪنڪنائي ايري ۽ بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ

اکيون پيچي، هيٺئين چپ کي چڪ هڻي ڳيت ڏئي، تري آيل ڳوڙهن کي پيئڻ
جي ڪوشش ڪيائين.

"هن ڇوريءَ کي اڄ الاءِ ڇا ٿيو آهي، وِيٺي وضوءِ تي ته پهر ڇڻ،
بيٺي نماز ۾ ته ڄڻ ڄمي وئي آهي." سندس ڪن تي ماڻس جو آواز پيس.
ماءُ جا اهي لفظ ڪيس ايڏو ته اگرا لڳا، جو بچان اچڻ لڳس. چند لپڪ اڳ،
جو ماءُ لاءِ پنهنجائپ جو جذبو اڀريو هوس، سو مٺجي نفرت ۽ چڙ ۾ تبديل
ٿي ويو. ڪيس ساڙ محسوس ٿيو.

جيئن تيئن نماز پوري ڪري ٻهاري ڪنيائين. پهرين صفي کي ٻهاري
ڏيڻ لڳي. پر ڪم تي دل نه وريس. ڪيس هن روز روز جي ڪم مان ڪوفت
ٿيڻ لڳي. روز مشين وانگر، اٿي، نماز پڙهي، ٻهاري ڏيڻ، ٿانو ملڻ، پوءِ ٽوپو
ڏيڻ، زندگي تيليءَ جي گهاڻي وانگر پئي ڦري، جنهن ۾ رڻ ست، سڀ
ڏينهن جي پورهئي ۾ چوسجيو وڃي. ڪيس سامهون گهر واري نينگر
خورشيد جيڪا ڪاليج ۾ پڙهندي آهي، ياد آئي "ڇوري ڪهڙي نه الهڙ
آهي. چيلهه کي موڙو ڏئي، سينو سيڌي هلندي آهي ته جواني تيز ڦوهاري
وانگر اڇلون ڏيئي ٺمندي اٿس. اٿس ڪو الڪو! ڇسڪندڙ ٺيڊي ڪپڙا پائي
هلندي آهي، ته ڄڻ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جو مٽ ئي نه سمجهندي آهي.

# حقيقت ۽ دوکو

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشن مان هڪ ذهين ۽ هوشيار. ڪڻڪ رنگو. جسم جي متناسب بناوت ۽ خدوخال ڪري، پرڪشش شخصيت. ڳنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ ڪان مشهور. شهر جي مٿين معزز شخصيتن مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي حلقي ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو حلقو بلڪل نه- سواءِ زميندار رئيس قربان عليءَ جي. جنهن سان ميٽرڪ تائين هم ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا تعلقات. سي به تڪلف جي حد تائين. زندگيءَ جو هڪ 'روٽين' (Routine) گهر- ڪلينڪ- مريض- مطالعو- ٻارن سان پيار- آچر جي ڏينهن آرام. جنهن ۾ پنهنجي مختصر ڪٽنب- زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، تيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي ڪڪي ساڻ ڪري ڪنهن تفريحي هنڌ تي ويندو آهي.

صبح جو پنهنجي مثالي ڪٽنب سان گڏ نيرن ڪرڻ ڪان پوءِ ڪلينڪ ويندو آهي. وري هڪ بجي اچي سائن گڏ منجهند جي ماني ڪائيندو آهي، آرام ڪندو آهي. شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ. وري رات جي ماني ڪٽنب سان گڏ. رات جي ماني ڪان پوءِ ڳپل مهل تائين جاءِ جي اڳيان لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي. پسار ڪان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي- ڪيسن تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن کي 'ريفر' (Refer) ڪندو آهي. سندس ڪمرو: سادگيءَ سان هر شي رکيل. بڪ شيلف جي مٿين تختي تي ڪنهن دوائن جي ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪيلينڊر؛ ڪجهه دوائن جون شيشيون ۽ ڪجهه رسالا رکيل. ۽ هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان لاڳاپو رکندڙ ڪتابن ڪان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سڄي ڪمري ۾، در جي سامهون، پٽ جي پوري وچ تي هڪ تصوير ٽنگيل: ڪنهن قطري نظاري جي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر قمر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي ڪان سواءِ، ٻين علمن جو مطالعو ڪندڙ آهي، ۽ سندس ڪٽنب هڪ مثالي ڪٽنب آهي.

رات جي ماني ڪائڻ ڪان پوءِ، ڊاڪٽر پيوءِ کي هنج ۾ ڪنيو، ڳل تي چمي ڏنائين. ٻن وڏن ٻارن کي به پنيان اچڻ لاءِ چيائين. اندر ڪمري

ڏانهن ويندڙ زال ڏانهن ڏسي مرڪيائين، ۽ بنگلي جي اڳيان لان ۾ آيو. چهل قدمي ڪرڻ لڳو. اڪبر ڪلثوم به ساڻس گڏ هلڻ لڳا. روز مره جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا: ڪاليج جون، پڙهائيءَ جون.... ائين ڳالهيون ڪندا پسار ڪري رهيا ها ته سندس نوڪر بخشو اتي آيو.

چيائين: "صاحب اوهانجو فون آهي."

"رئيس قربان علي"

"قربان علي؟" ڊاڪٽر سوالي انداز ۾ ورجايو. پوءِ آهستي، ڄڻ ڪجهه سوچيندي، پڇڪيائين، "ته رئيس، 'عمرو' ڪري آيو آهي- هون. ڇا ٿو چئي؟"

"چئي ٿو ته فون ڊاڪٽر صاحب کي ڏج."

"هون-" ڊاڪٽر. ڪڪو بخشوءَ کي ڏيندي، وڃڻ ٻارن کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ چئي، اندر، فون جو رسيور رکڻ کان پوءِ ڪي گهڙيون اتيئي، ڪنهن گهري سوچ ۾ بيٺو رهيو. ۽ پوءِ سوچيندي سوچيندي ٻاهر وڃڻ لڳو.

"ڇاهي" امينه اندران ڪمري مان نڪرندي پڇيس.

"ڪجهه به نه." زوريءَ آندل مرڪ سان وراڻيائينس.

"ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

"رئيس قربان ڏانهن."

"ڇو؟ خير ته...." حيرت مان پڇيائينس.

"ها ها." ڊاڪٽر ساڳي زوريءَ آندل بناوٽي مرڪ سان چيو. "ڪا ڳالهه ناهي. رئيس چيو آهي ته ملي وڃ."

"ته هو عمري تان واپس اچي ويو آهي؟"

"ها."

"ڪڏهن؟"

"ڪلهه."

"پوءِ اوهانکي اڄ ٻڌايو اٿس!"

"بس- مان ٿي ٿو اچانس."

"هينئر ڪهڙو ضرور آهي. سڀاڻي ملجوس."

"نه- مان منٽن ۾ ٿي ٿو اچان."

۽ گيراج ڏانهن موٽر ڪڍڻ لاءِ وڌيو.

آهن!

-- سائين خير تہ آهي، ون- وي جي ابتڙ پيا وجو؟

-- 'اوهہ! 'آءِ ايم ساري' (Oh! I am sorry) مان پنهنجن خيالن ۾ پئي ويس. 'ويري ساري.' (Very sorry)

مان 'نروس' (Nervous) ٿي ويو آهيان؟ نہ نہ-؟ 'گلٽي ڪانشس' (Guilty conscious) مون ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو آهي.

لئڪ آف مارل ڪريج (Lack of moral courage)

نو، جو ڪجھ ٿيندو، 'آءِ ول فيس اِٽ.' (I will face it)

هينئر هو مون سان ڪيئن پيش ايندو؟ 'پولائٽلي'.... (Politely) يا-؟ نيٺ تہ وڏيرڪي ذهنيت اٿس. ممڪن آهي- مان خود بي عزتو ڪندو ماٺس

-- ڪورٽ

ممڪن آهي 'سپوز.' (Suppose) 'بٽ اٽ از امپاسيبل..؟(But it is impossible)

ڪورٽ جو ڪمرو

'مي لارڊ انسان جي زندگي ايڏي 'چيپ' (Cheap) ناهي جو- مان آهيان. 'سر، آءِ ايم ڊاڪٽر، ناٽ پيوري ٽين' (Sir I am doctor not puritan) 'ييس سر' (yes sir) - 'سڊڪشن' (Seduction)

نو نو، اٽ از رانگ، اٽ از رانگ، (No, No, it is wrong it is wrong)

'فارنيڪيشن' (Fornication)

There was voluntaryism between....

.understanding

'بٽ سر- آءِ وانٽ ٽو سي،' (But Sir, I want to see)

اوهہ! 'نيور نيور' (Never, Never) ڪڏهن بہ نہ.

'واٽ از موريلٽي' (Wht is morllty) اخلاق خود پنهنجي جاءِ تي 'ويگ ڪانسيپٽ' (Vegue concept) آهي. جيڪڏهن انکي 'رليٽو فارم' (Relative form) ۾ نہ ڏٺو ويندو. محض بڪواس، ڪنهن حد تائين عجيب مذاق. 'اليوشن (Illusion) سر.

The concept of morality should be measured in relation to the vital needs of the perticular rela-

tive circumstances. yes, it is the basic principle of cial what youethical scinces: medicl ethics, or so may classify......

هن مخصوص حالتن ۾... ها سائين، هن مخصوص حالتن ۾، منهنجو اهو فعل قانوني ڏوهه نه آهي.. نه بداخلاقي- نه ويساهه گهاتي. هڪ انساني زندگيءَ جي اهميت کي آڏو رکي مون اهو هڪ.. فرض سمجهي ٿي- هن جي هڪ اهم فطري ضرورت کي سمجهي ٿي- ۽ ها! چاڪاڻ ته مون چاهيو، منهنجي اندر جي آواز هيئن، مون انهيءَ کي هڪ اخلاقي فرض سمجهي ڪري ٿي-

مان تسليم ڪيان ٿو ته منهنجي ٿي مشوري تي رئيس پنهنجو ڪٽنب ڳوٺ کان هتي شهر ۾ مستقل طور آندو. مان سائس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهندو هوس. رئيس کان مون اهڙي اجازت ورتي... صحيح آهي؛ رئيس جو مون ۾ مڪمل اعتماد هو. مون ڪيس اهو ٿي مشورو ڏنو ۽ بار بار ڏنو ته؛ سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ 'هيسٽرو- مينيا- ڪنڊيشنس' (Hysterio mania conditions) جو علاج صرف شادي آهي. هن کي پيار گهرجي. هوءَ نوجوان آهي، ساماڻيل. سندس 'سيڪسيوئل ارج' (Sexual urge) جي تسڪين لاءِ... اهو فطري آهي. دوائون؛محض عارضي سڪون ڏيندس. رئيس هر دفعي انڪار ڪندي ملڪيت جو سوال کڙو ڪيو. 'يس سر' واٽ ڪين آءِ ڊو فار هر؟' (Yes sir, what can I do for her) سواءِ مشوري ڏيڻ جي! همدردي ڪرڻ جي! 'سئمپٿي' (Sympathy) ڪجهه به ناهي. سواءِ رسمي لفظن جي 'هئپوڪريسيءَ (Hypocracy) جي. ڇا اهڙي لفظي همدردي هنجو علاج ٿي سگهي ٿو. 'نو نو- نو، مي لارڊ نو.' (No, No, My Lord No!) مونکي يقين هو ته اهي دورن جا حملا سندس لاءِ هڪ ڏينهن ڪنهن 'فزيڪل ڊفيڪٽ' (Pyhsical defect) جو ڪارڻ بنجندا. 'بلائينڊنيس' ڊيفنيس' پئرالئسس آر..."

(Blindness, deafness, parlysis..)

'سائڪيائٽرسٽ؟' (Psychiatrist)

مونکي فضول لڳو. اوهان خود ٿي سوچيو نه.. هڪ فطري ۽ ها. مون اها جاچ ڪئي، پنهنجي منهن، هڪ سچي خواهش هيئن ته ڪاش، هوءَ هتي شهر ۾ ڪنهن سان 'لو' (love) ڪندي هجي. جيئن عموما

مون رڳو سندس حسن جي ساراهہ ڪئي هئي. پر اهو منهنجي 'انٽينشن' (Intention) تي اثرانداز نہ ٿيو هو. مون سندس ضرورت کي آڏو رکي اڳتي سوچي ڇڏيو هو: 'ڪنٽر اسيپٽوز' (Contracepitves) جو استعمال-- ها، مون ڪيترا ڀيرا پاڻ کان سوال پڇيو هو: لاجيڪلي آءِ ڪنوينسڊ ماءِ سيلف' (Logically, I convinced) ڪرڻ گهرجي. اهو گناهہ تي نتو سگهي. نہ ويساهہ گهاتي نہ ئي بداخلاقي.

'ليگل ايسپيڪٽ' (Leahal aspect)

اوهو! واضح طور نہ سوچيو هوم.سوچي بہ نٿي سگهيس. ناممڪن هو. ناممڪن پر.

هي اوچتو! اوچتو حادثو! حادثو ئي چئبو.

انهيءَ ڏينهن ..... اوچتو- بهرحال اڳي پوءِ ٿيڻو هو. رڳو موقعي جو اندازو رکڻو هو. موقعي جو- خود ئي- پر احمقانہ انداز ۾، غلط وقت تي- پر ڇا ٿي سگهيو.

'جيجي مان هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ چاهيان ٿو.' ڇيريل اکين جا ڇپر هيٺ مٿي- نهار- ڳاڙهو ٽپندڙ چهرو- چڪ- چپ چرندڙ- تيز ساهہ سيني جو اڀار لهوار.

ماٺ

اکيون اکين ۾

شهزادي!

اوچتو- ياڪر

شهزادي! اهو ڇا

ياڪر جي چڪ زور سان- تڙپ- تڙپ 'يس' (Yes)، 'نمفوليپٽڪ' (Nympholleptic) چمي- چميون

؟- چميءَ ۾ 'انيٽيٽو (Initative) منهنجو هو.

ها، منهنجو. بي خوديءَ وچان. اها چمي؟ همدرديءَ واري پيار وچان- جيئن هڪ ٻار کي ڏبي آهي (؟) ڪو اهڙو ارادو جنهن کي جنسي معنيٰ ۾ (؟) نہ- بنهہ نہ.

پر مان سمجهان ٿو تہ، ڀهرين تہ منهنجو اهڙو ارادو ڪونہ هو. پوءِ هنجي خود- سپردگي ۽ ڀرپور ها. ائين ئي-

ڇا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اڃا 'ريئلائيز' (Realise) نہ ڪيو هجي. اڃا ڪلهہ تہ آيو آهي. پر اچڻ شرط مون سان مليو ڇونہ؟ ملڻ

ڪڏهن شهزاديءَ ڏانهن ته ڪڏهن ڏانهنس پئي ڏٺو.

رات جا ٻارهن ٿيا، ته هن رئيس کان موڪلايو. موڪلائڻ وقت رئيس ٻلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور کيس ڏيندي چيو: "سائين، رڳو هن لاءِ اوهانکي تڪليف ڏني هيم."

انجو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هن اڃا اهو محسوس نه ڪيو آهي. شهزاديءَ به ڳالهه نه کولي آهي. هوءَ ويچاري ڪيئن ٻڌائيندي. پر مونکي حقيقت ظاهر ڪرڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ غلط فهميون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيترا مونجهارا- اهو نه ٻڌائڻ ڏوهه آهي. بي معنيٰ ۾ ويساهه گهاتي. ۽.....ها؟ مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ گهرجي. اهوئي وڌيڪ درست آهي ته رئيس کي سڄي حقيقت ۽ اهي اڻ ٽر حالتون ٻڌائي، اٻارشن لاءِ آماده ڪيانس.

پر هيءَ مڪمل 'ساليوشن' (Solution) ته ناهي هنجي زندگي؟ شادي!

'ييس، اٽ از آلسو پاسيبل' (Yes it is also possible )

سندس شاديءَ لاءِ مجبور ٿي.

غيرت وچان ماري وجهيس

اوهه! ائين به ٿي سگهي ٿو. اف- مان..... مونکي گهٻرائڻ نه گهرجي. جڏهن هي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري رهيو هوس ته سوچيو هوم مان انهن هاڃيڪار قدرن کي مڃڻ ۽ انهن مطابق هلڻ لاءِ پابند ناهيان. جيڪي عام مروج آهن. مان آزاد آهيان. منهنجي هن فعل سان تعلق رکندڙ فرد کي مادي توڙي غير مادي نقصان نٿو پهچي. اها هن جي ضرورت آهي. ضرورت علاج جي حد تائين. هن جي ٻيءَ کي ڄڻڻ ۽ نپائڻ جي دعويٰ رکندي، اهو حق ڏئي نٿو سگهجي ته هو پنهنجي مفاد خاطر کيس جيئري ئي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏي. ڪنهن به ٻيءَ کي اهڙو حق ڏئي نٿو سگهجي.

هون- مون کي 'نروس' (Nervous) ٿيڻ نه گهرجي. ههڙي حالت پيدا ٿيڻي هئي، 'لاجيڪلي' (Logically).

سچ جي جنگ.

واقعي لڳي پيو ته سچ جي جنگ ٿي آهي. انساني تهذيب جي اعليٰ قدرن لاءِ. سچ-؟

اسان جي پنهنجن تمنائن جو عڪس آهي. دلي تمنائن جو. مجرد ۽

لطيف روپ ۾. پوءِ اسين انهن دلي تمنائن کي منطقي شڪل ۾ پيش ڪري سچ جو نالو ڏيندا آهيون....

؟.... اهو ڪنهن فيلسوف؟ اوه، 'نتشي' (Nietsche) ته ان جي معنيٰ..

'ايبسوليوٽلي ناٽ' (Absolutely not)

چا مان پاڻ کي ٺڳي سگهان ٿو؟

'پئراڊاڪس' (Paradox)

'نيور- نيور' (Never, Never)

'ايني هائو' (Any How). بهتر آهي ته مان رئيس کي هن حقيقت کان آگاهه ڪريان. ۽ اهو هن جي دماغ ۾ وهاريان ته اهو اڻ ٽر هو. ۽ انهيءَ ۾ منهنجي ڪابه اهڙي نيت ڪانه هئي، جنهن کي جنسي لذت، جنسي لذت جو مقصد يا اهڙي قسم جي بدنيتي چئجي. پر........ ممڪن آهي ائين چوڻ سان وڌيڪ 'اينٽيگنائيز' (Antagonise) ٿئي. بهتر آهي، ڪنهن ريت رڳو ڪيس شهزاديءَ جي شاديءَ ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيان. جيترو ممڪن ٿي سگهي جلد. ها، اٻارشن ڪانپوءِ. ايندڙ پهرين ئي ملاقات ۾ سائس ڳالهائيندس، سواءِ ڪنهن گهٻراهٽ جي. مون ته ڪو گناهه ڪيو ناهي، جو اجايو ذهني عذاب پوڳيان.

ڊاڪٽر اهو سوچي، قطعي اندر ۾ فيصلو ڪيو. ان هوندي به هڪ مبهم ڪنڪندڙ غير تسلي بخش احساس ڪٿي گهر آيو.

۽ پوءِ ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رهي. رسمي ۽ دستوري ڳالهيون. ملڻ وقت هر دفعي هن اهڙو ذڪر ڇوڙڻ لاءِ سوچيو. پر هر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذهني ڪرب ۽ تنتي پيڙا ڀوڳڻ ڪانسواءِ ڪجهه ڪري نه سگهيو. هر دفعي جڏهن اٽل ارادو ڪندي به، چئي نه سگهندو هو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍ جڪ ايندا هوس ۽ پنهنجو من ڇيد ڪندي سوچيندو هو: اخلاقي جرئت جي ڪمي؟ نه- رئيس جي شخصيت؟ نه- رئيس جا نارمل ورتاءَ؟ نه- باقي ڇا؟ ڪجهه به نه. هن دفعي مان ڪيس ضرور چوندس. ائين چئي ڇڪتاڻ پيدا ڪندڙ سوچ ڌارا کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. ۽ پوءِ وري- ملڻ کان اڳ شروعات ڪرڻ لاءِ انداز اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ رئيس طرفان ايندڙ خيالي نقطن جو خيالي جواب سوچيندو هو.

پر هو وري به ذڪر ڪري نه سگهيو. ۽ نه رئيس ئي ڪا اهڙي

پر- ڇا ڪجي حالتون ئي اهڙيون آهن. ۽... ڇوڪري ۽ جو پيءُ هوندي....
پر....دراصل منهنجو......" هو چپ ٿي ويو.

"نه نه- اوهان بي حجاب ڇٽي ڏيو." ڊاڪٽر تجسس ڀريل سوالي نگاهن سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

"ڊاڪٽر صاحب، منهنجي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪريو." هن اوچتو ٽڪرو ڇٽي ڏنو.

"مان!!؟-" ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي، "يعني مان!؟" پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيائين، "رئيس، مان اڳيئي شادي شده آهيان، ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ. مان پنهنجي زال سان محبت ڪريان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي!.اوهان ڪٿي ٻئي- منهنجو مطلب آهي ته......"

"ڊاڪٽر صاحب ٻئي هند...... اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته ...... ڪير به....."

"نه نه- هن ۾ مان به اوهانجي....."

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪريو؟ اهو ضروري ناهي ته ٻي شادي ڪرڻ سان ڪو پهرين زال جي محبت ۾ گهٽتائي اچي. ۽ جڏهن ته شريعت محمد موجب هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا."

"پر- پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪيان ٿو ۽ هن سان گڏ زندگيءَ ۾ مطمئن آهيان........ ۽ رئيس" ، هن لفظن تي زور ڏيندي چيو، "مان هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻ جي اصول کي ننديان ٿو. اهو عورت سان نسورو ظلم آهي عورت جي سخت توهين. انسان جو مذاق." هن پاسو بدلايو. "ان ڪانسواءِ رئيس، مان اهڙن اصولن، احڪامن يا قدرن کي ننديندو آهيان، جنهن مان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. پوءِ اهي اصول شريعت جي نالي ۾ هجن. اخلاقي قدرن جي نالي ۾ هجن يا سماجي ضرورتن جي نالي ۾ هجن....."

"پر شهزاديءَ جي پيٽ ۾ ٻچو اوهان جو آهي. اوهانجو تخم"، رئيس غصي گاڏڙ هلڪي جارحانه انداز ۾ چيو.

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٿيل.

منهن جو تخم؟ تخم؟؟...... بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر ٽڪرا ٽڪرا خيال اُيا هن پاڻ کي نروس ٿيندو محسوس ڪيو.

"رئيس"، ڊاڪٽر پاڻ تي ضابطو مڙهيندي چيو. "منهنجي آڏو ٻار ڪيرائڻ ڪو مسئلو ناهي پر جيڪڏهن... جيڪڏهن اوهان ٻار ڪيرائڻ نٿا چاهيو؛ يا اوهان جي ذهن ۾ اهو ويڻل آهي ته. اهو حرامي ٻار آهي- اوهان ان جو خيال نه ڪندا.... بهرحال مان سائس شادي ڪري نٿو سگهان. اهو ناممڪن آهي. ناممڪن."

"ڊاڪٽر-" رئيس ڏانهنس نهاريو ۽ هلڪو مرڪيو.

ڊاڪٽر کي انهيءَ ڦڪي مرڪ ۽ نهار ۾ تنگي مڪاري نظر آئي.

"ڊاڪٽر، اوهان پنهنجي هن فعل کي ڪٿي کهڙي به انداز ۾ پيش ڪري، پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو؛ پر اسان جا سماجي قدر...... ۽ پڻ قانون..... اوهان کي..."

رئيس قانون جي لفظ تي زور ڏنو. ۽ اڳتي صاف گوئيءَ سان پنهنجو مقصد ٻڌائڻ جي جرئت (شايد) ساري نه سگهيو. ان ڪري هٻڪندي تڙ لفظ ڳولڻ لڳو. جيئن ڊاڪٽر مشتعل نه ٿئي. پر هو ائين ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ۽ چپ ٿي ويو.

ڊاڪٽر پنهنجي لڳايل اندازي مطابق ان کي صاف ڪيو: "اوهان جو مطلب آهي ڪورٽ؟"

"جي؟ نه نه- منهنجو مطلب نه ناهي.........پر......"

"اوهان ڪورٽ ۾ وڃي سگهو ٿا." ڊاڪٽر گهرائي مان ۽ فيصلي ڪن انداز ۾ چوندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

رئيس سڏيس، هن ان تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو.

ڊاڪٽر، ٻاهر بيٺل پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهي زور سان در بند ڪري، ڪار اسٽارٽ ڪئي.

ڪار ۾ ڦهرين نه ڪيس هلڪي پڇتاءَ ۽ پنهنجي انتهائي بي حسيءَ گڏ. مبهم طور پنهنجو پاڻ پنهنجن نظرن ۾ ڪريل هجڻ. بي عزتو ٿيل ۽ ڏوهي هجڻ جو احساس ٿيو. پر پوءِ ذهن کي جهٽڪو ڏئي. شعوري طور ان احساس کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ويو. جو ڪيس انهيءَ لاءِ ڪافي وزني دليل هئا. پڻ ان سان گڏ. نامطمئن هجڻ جو هلڪو- هلڪو احساس ڪيس اندر ئي اندر ڪرٽ. ڪرٽ ڪرڻ لڳو.

"ذليل. ڪميڻو." ڏند ڪرٽيندي ٻڙڪيائين.

"ڪورٽ. هن. 'آءِ ول گو ديئر' (I will go there) دراصل مون کي اڳ ۾ ئي هن سان ذڪر ڪرڻ کپندو هو. جڏهن عمري ڪان واپس

آيو هو. احمق آهيان. بزدل." پڇتاءُ.

اکيون شهزاديءَ جون، چڪ. پاڪر. بي خوديءَ وچان، چمي، چميون، تڙپ، خود سپردگي مون چمي چو ڏني؟

'ڪنٽراسيپٽو' (Contraceptive).

هون، جلدي بازي.....

چهرو شهزاديءَ جو، چڪ. تڙپ.

لاشعوري طور؟- پوءِ مون 'رليٽو مارلٽي (Relative Morali-ty) جو جواز ڳوليو. شعوري سطح تي...... پنهنجي اندرين غير واضح خواهش کي 'جسٽيفاءِ" (Justify) ڪرڻ لاءِ........ (نونو) (No, No) قطعي نه 'ابسوليوٽلي نات" (Absolutely not) مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن به نه. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. مون سندس زندگيءَ ۾ ضرورت کي ٿي آڏو رکي. جيڪڏهن منهنجي آڏو محض خواهش جي تسڪين هجي ها ته مان پين ڪيترن هندن.

.اوهه، ڊيم اٽ.' (Oh, damm it)

۽ ڊاڪٽر خالي ذهن سان گاڏيءَ جي اسپيڊ تيز ڪري ڇڏي، گهر ڏانهن وڃڻ لاءِ.

ڊرٽي 1974ع

بيماري ۾ ائين ٿيندو آهي. سو به ڪنهن مدي کان گهڻ ورتل ماڻهو، نيچرل آهي، دوا ته هن پياري هونديس. گوريون- سي به هن زوريءَ کاڙايون هوندس. ڪجهه وقت اوسيٽڙو ضرور ڪيو هونداڻين. اهو چئي هڪ نيم بنجي ويو آهي ته ان مهل جون گوريون ۽ صبح جو آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رات جو دوا مان ڏيانس. منجهند جي دوا سڪينا پياريس.

جيتوڻيڪ اهو نيڪ ناهي. اوير سوير ته آهي ٿي سهي ۽ اسان جهڙا ملازم ماڻهو، ٻين جي وس، پنهنجي وس جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿي، محتاجي جا ٿئي، زنده رهڻ لاءِ. پر سندس عورتاڻو ضد؛ شام جون گوريون منهنجي هٿن سان وٺندي. اها چوٽي سچ آهي ته بيمار جو ضد ٻار جو ضد سمان ٿئي. پر اهو ڪو ايڏو اهم مسئلو ڪونهي جنهن تي مان پنهنجو مٿو پيو کپايان، اصل ڳالهه آهي ته مون کي هر حال ۾ سندس خوشيءَ جو خيال رکڻ گهرجي، اجايو پيو ڳڻتي ڪيان. سڪينه اهڙي آهي جو- زوريءَ ڏيون هونداڻينس. هوءَ ته مونکان به وڌيڪ ٿي سندس خيال رکي. ها، جيڪڏهن هيءَ ويچاري هٿ نه وندائي ها ته-

کهڙي ته سڀاجهي ۽ لڄاري آهي. ويچاري ساهڙپ توڙي مائٽيءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪيو آهي. سواءِ ڪنهن غرض جي. شابس هجيس، نه ته هيڏو سارو ويڙهو آهي، ڪي ڏاريان ڪونه آهن، ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ ڪانه چري! سندس هوندي، هن جي بيماريءَ جي تڪليف جو ته چئي مونکي احساس ئي نه رهيو آهي، ههڙيون نينگريون ڪٿي؟ باقي جنهن گهر ۾ ويندي-

اڙي ها، سچي، تنهن ڏينهن مائٽس ٻڌايو ته ايندڙ مهيني مڱڻو ڪرائي ڇڏيندا سين، ۽ پوءِ مهيني اندر شادي.

'بس ابا، مڙئي ٿيو بار لاهڻو، نياڻي آ- نيٺ ڪيترو وهاريس، هڪ ڏينهن ته شينهن ڪلهي چڙهڻي آهي. پنهنجا پاڻ ۾ آهيون انو......'

منهنجي خيال ۾ انو سندس لاءِ نيڪ ور ٿيندو. سٺو سڌريل آهي. روزگار سان. شڪل شبيهه ۾ به ويل ڪونه آهي، پر شڪل کي ڇا ڪبو؟ وڏي ڳالهه ته سڌريل آهي.

ڇُ، سندس لاءِ گوريون وٺڻيون هيون. ويچارن ئي ويچارن ۾- موتان استور واري جو قرض به چڱو چڙهي ويو آهي. سمجهان ٿو ته ٽي- چار سئو تي ويا هوندس، ڪٿي پنجن سون کي نه ڏڪ لڳو هجي! گذريل ٻن مهينن کان پائي به ڪانه ڏني اٿمانس. دوائون به ڏينهون ڏينهن وڃن

چڙهنديون. نہ آهي حد نہ حساب. قرض- ہہ هزار ڪن ٿي ويو هوندو: آفيس مان ايڊوانس، دڪاندار جا. ڇا ٿيندو....؟؟

(ڳٽنيءَ جو وجود ڪي وڪوڙجڻ)

لهي ويندو. حياتي آهي تہ پيو لاهبو. رڳو سندس جان بچي. پيسن جو ڪهڙو ملهہ! اصل ڳالهہ زندگيءَ جي آهي. اهي لاها چاڙها تہ مڙسن تي ايندا ئي آهن.

ڪيڏو نہ شريف آهي. هيترا دوائن جا پيسا ٿي ويا اٿس. پر محسوس ئي ٿيڻ نہ ڏنو اٿائين. فائدو-؟

مان سمجهان ٿو تہ- پر ڊاڪٽر تہ چوي ٿو. ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي. مونکي تہ ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. باقي بچيو ڇا اٿس. هڏا ۽ چم. ممڪن آهي ڊاڪٽر رسمي طور آٿت ڏيندو هجي. سندن پيشو ئي اهڙو آهي. مريض کي. سندن ماڻهن کي پر اميد رکڻ ضروري ٿيو پوي. هڪ قسم جو نفسياتي اثر. هونئن بہ اُميد وڏي شيءِ آهي. اميد جي آسري تي سڄي دنيا پئي هلي. مونکي پُر اميد هئڻ گهرجي. ڪڏهن بہ ائين- خدا نہ ڪري. سوچڻ نہ گهرجي. ڏٺي ڇاهي تہ ڇا نٿو ٿي سگهي.اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪجهہ بہ ناممڪن نہ آهي. رڳو پيسو هجي. هوءَ تہ اجايو.........

'بس مهيني کان وڌيڪ جيئري رهي نہ سگهنديس. تو منهنجي لاءِ'

نہ نہ- چري. ائين نہ چو.'

هون: هڏا ۽ چم. مشڪل چڙهي!

نہ- روڳي انسان اهڙيون ناميديءَ جون ڳالهيون سوچيندو آهي. فطري بيماريءَ جي حالت ۾ زندگيءَ سان دلچسپي رهي ئي ڪانہ ٿي. پر- مونکي ائين سوچڻ نہ گهرجي. مان تہ تندرست آهيان. پر سندس ناچاڪائيءَ مونکي بہ ڪنهن حد تائين- نہ. گهرجيم تہ کيس آٿت ڏيندو رهان. زال جي حيثيت سان سٺو نڀايو اٿس. مونتي ٻلهار ويندي هئي.اهو احساس ٿيڻ نہ ڏنائين تہ ڪو منهنجو الڳ وجود آهي. هر خواهش پوري ڪيائين. هر طرح جو خيال. نہ تہ اڄ زالون آهن جو مڙسن کي ٽيون دوڏا ڏيکارين. مجال آ ڪو مرد- پر هن تہ مون سان-

بيماري: اها تہ قدرت جي وس جي ڳالهہ آهي. اڙي ها. سندس لاءِ فروٽ بہ وٺڻو آهي. متان ڪلهہ وانگر وسري وڃيم. هيءَ ويسر تہ- سندس ئي بيماريءَ ڪري؟ الڪو تہ رهي ئي ٿو. سڄو گهر ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي.

گهر جا، سڄي زندگي ڊانوان ڊول ٿي وئي آهي، کهڙا نہ خوش هوندا هئاسين. پنهنجي حال ۾ مست، گهر جي ننڍڙي دنيا. جاني بہ تندرستيءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪانہ آهي، هاڻي گهر کهڙو نہ ويران ويران ٿو لڳي. جڻ تہ ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ها، عورت جو وجود ڪنهن گهر لاءِ ڪيڏو نہ لازمي آهي، گهر ۾ عورت آهي تہ زندگي آهي. نہ نہ- شايد، عورتون وري ائين سوچينديون هجن: گهر ۾ مرد جو وجود لازمي آهي، گهر لاءِ دراصل ٻنهي جو وجود لازمي آهي.

ها، ڏاڍو مزيدار ٽوٽڪو هو: زال ۽ مڙس پاڻ ۾ نہ ٺهندا هئا. زال ٿلهي تہ مڙس سيپڪڙو، پاڙيسري سندس جهيڙي کان تنگ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن وٽن اچي سمجهائڻ لڳو. 'زال ۽ مڙس هڪ ئي زندگيءَ جا بہ ڦيٿا آهن، جيڪڏهن هڪ ڦيٿو خراب ٿي پيو تہ، زندگيءَ جي گاڏي نہ هلي سگهندي'، ان تي ٿلهي زال جي سنهڙي مرد، ڀرين زال ڏانهن پوءِ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي ورائيس تہ: 'ميان، جڏهن هڪ ئي زندگيءَ جو هڪ ڦيٿو ٽريڪٽر جو ۽ ٻيو ڦيٿو رڪشا جو هجي، تہ پوءِ ٻڌاءِ تہ اها زندگيءَ جي گاڏي ڪٿان هلندي؟'

ويچارو سمجهائيندڙ پاڙيسري پيلڙو منهن ڪري واپس هليو ويو. دراصل جتي ٻنهي جو وجود لازمي آهي، اتي ٻنهي لاءِ ذهني هڪجهڙائي بہ لازمي آهي. نہ تہ گهر ٻُسو ۽ جهيڙي جو اکاڙو، زندگي نامڪمل تہ نهيو، پر مرڳوئي زهر......

جي هيءَ مري وئي.....

(ڳڻتيءَ جو گهرو احساس، هن ڀيانڪ سوال مان، تہ پوءِ جا ٿيندو.)

نہ نہ، ڌڻي خير ڪندو، مونکي چڱائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

(پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ باوجود بہ، ذهن اندر زوريءَ گهڙي ايندڙ خطري جو احساس)

هو: "اڄ دير ٿي وئي"، مرڪي. معافي انداز ۾ "دراصل..."

هوءَ: "مڙئي خير آهي"، ٻهڪندڙ چهرو، مرڪ چپن تي.

هو: "دوا پيتئي؟"

هوءَ: "ها."

هو: "گوريون بہ؟" هلڪي مرڪ.

هوءَ: "ها- اڄ مڙئي فرق پيئي پانيان".

هو: "ها ها، تون هاڻي جلد نوبني ٿي ويندينءَ، ڊاڪٽر چيو ٿي تہ تون هاڻي تيزيءَ سان تندرست ٿي رهي آهين."

هوءَ: "اهي مٺا ڊاڪٽر تہ ائين ئي چوندا آهن. نہ تہ ڪمائي ڪٿان ٿئين."

هو: "نہ نہ- پنهنجو ڊاڪٽر مجيد ڏاڍو ايماندار ۽ شريف انسان آهي. ڏس نہ، توکي ڄامشوري جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ هن ويچاري ڪيڏي نہ ذاتي ڪوشش ورتي، پر هتي تہ آهي اندي ننگري وڏن ماڻهن جي سفارش ۽ پيسو...."

هوءَ: "باهہ ڏينس مٺي کي، ان مارئي جي شڪل بہ ڏٺي نٿي وڃي، سيون هٿي هٿي پرڻ ڪري ڇڏيو اٿائين."

هو: "نہ نہ- ڇري، انهيءَ ۾ پنهنجي تہ چڱائي آهي. نيٺ تندرستيءَ لاءِ اهو تہ سهڻو پوندو."

هوءَ: "نهيو، ڇڏ ان مٺي جي پچار." مرڪ سان.

هو: "سڪينا ڪانہ ٿي ڏسجي، هلي وئي؟"

هوءَ معنيٰ ڀريل نظرن سان، هلڪا مرڪيل چپ ڦهلائيندي، ڏانهنس غور سان ڏسي ٿي.

هو: "تون اڄ سچ پچ خوش ٿي نظر اچين." خوش ٿيندي.

هوءَ: "چو نہ ٿيندس." ماڻي جي هلڪي ادا: ڪنڌ ۽ جسم جي لوڏ، معنيٰ ڀريل نظرن ۽ ڀڪوڙيل پر ڦهلايل چپن سان، ماڻي ۽ مرڪ جي انداز مان خوشي ٽمندڙ.

هو: "اڄ جائي پائي ڀهڪين پيئي-"

هوءَ هلڪو شرمائي ٿي.

هو خوشيءَ، عجب ۽ پيار ڀريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي ٿو.

ٻئي چپ. ڪي ڪن رکي-

هو: "ها- سڪينا وئي هلي؟"

هوءَ: "سڪينا-؟" معنيٰ ڀريل سوال، ساڳي ادا سان هلڪو ماٺو.

هو: "ها"

هوءَ: "پر سڪينا تہ اڄ صبح کان پوءِ آئي ئي ڪانهي." ساڳيون معنيٰ ڀريل نظرون.

هو: "ڇا چيئہ! آئي ئي ڪانهي!" اچرج.

هوءَ: "نہ-" ساڳيو معنيٰ ڀريل انداز.

هيٺ روحاني اذيت پهتي هئي. سوچيو هئائين، هوند زمين ڦاٽي ۽ ان ۾ دٻجي وڃان. ۽ ان گانپوءِ پهتل جسماني ايذاءَ، سندس روح کي فنا ڪري ڇڏيو هو.

هن وقت، ذهن تي تري ايندڙ ياد ۾، اهو احساس ۽ شادي جي پهرينءَ رات پهتل جسماني ۽ روحاني پيڙا واريءَ حقيقت جو ڪٿو به ڪونه هو. رڳو لاشعوري وهڪ ۾ تري ايندڙ ياد جي حد تائين نلهي ياد سواءِ ڪنهن احساس جي. اهو سوچيندي: سندس چپن تي هلڪي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ ان سان گڏ ذهن جي پردي تي، اندر، گلڻ سان گڏ پوريل ڪنوار جو جسم تري آيو- ائين، جيئن شاديءَ جي پهرينءَ رات سندس هو- بيوس ڦاٽل، روحاني ۽ جسماني اذيت ۾ ورتل. پر ڪنوار جي اذيت ۽ بي وسيءَ جو تصور ڪيس مزو ۽ تسڪين ڏيڻ لڳو- عجيب قسم جي تسڪين! گلڻ جو تصور جيڪو هوبهو ڪيس پنهنجي مڙس جي پهرينءَ رات وانگر سگهارو، مضبوط ۽ جارح نظر آيو، ان جي هر جارحيت ۾ ڪيس پنهنجي وجود جو پاڇو نظر آيو ۽ سندس دٻيل انا، غرور جي شڪل وٺي اسرڻ لڳي ۽ چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳي.

سجاڳ ۽ چوٽيءَ تي چڙهيل انا هيٺ، غرور، تڪبر ۽ سوڀ جو احساس سندس سڄي وجود ۾ تيزيءَ سان ڊوڙي ويو. ۽ ڏنائين ڪنوار کي جيڪا گلڻ اڳيان بيوس هئي، ۽ ڏنائين گلڻ کي، ۽ پوءِ گلڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي......

گهري اطمينان، تسڪين ۽ سوڀ واريءَ برتريءَ جو احساس سندس رڳن ۾ ڊوڙڻ لڳو.

صبح جو جڏهن هوءَ ڪم ڪار ڪاڻ هيڏانهن هوڏانهن هلي رهي هئي، ته سندس هلڻ جي لوڏ ۽ انداز مان ماٺيل سوڀ جو چٽو احساس بکي رهيو هو.

نئين زندگي 1975ع

انگل، ڪوڙو روسامو:
دير ڪيئي؟
اک لڳي وئي هئي.
منهنجي اک نہ لڳي. سومهڻيءَ ڪان وٺي پئي واجهايم.
پرچاءَ. ايلاز. مٺيون ايلازن جون. ميڙن منٿن ساڻ.
ٽونڪر: شابس ٿئي.
وري نہ ٿيندو،
انجام
ڏاڙهي
رهاڻ. اڻ- ڪٽ ڳالهيون.
پوربل آس چٽي پئي، متل. مانڌاڻ ۾ اٿل. وير چنڊ کي ڇهڻ لاءِ ترڻ لڳي. ڌرتيءَ کي يوانتي آئي.
جين جو اتڪاءُ:
اچ تہ پڇايون
اچ
ساهي ڪار ناهي
اڪيل، جيون، جهاڪا ڪاٽيندڙ ساهہ. ڪچن جي پگهر جي بوءِ ۽ پيڙين پيتل ساهہ ۾ بولاٽيون.
بس!
ساهي وٺان
وٺ نہ ڏيندي سيانءِ
ادمبر وچان ايام
وري ساڳي ڪار. هر لوچ سپڻ جي بولاٽي. هر بولاٽي سپڻ جو ڏنگ. هر ڏنگ اُڏيڙيندڙ ساهہ. بولاٽيءَ جي لوڏ حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک- پوٽ. جهر- مر تارا. اوندهہ جي ساگر ۾ ڇوليون. ڇوليون ڀڄندڙ- نهندڙ. اڻ- ڪٽ سلسلو ڇولين جو. ڪپ کي رسڻ لاءِ آتيون. لانگ، لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. وقت بيٺل. ڌرتي بيٺل. ديرو بيٺل. سڀ ڪجهہ وچايل. اوجهل. پاڻ ۾.
اُڌڙيل ساهہ پولار ۾ تيز ڪاٽيندڙ. وير چنڊ کي ڇهي واپس ورندڙ، ۽ پوءِ ٺاپر. چوڦير سانت. ساٿي ڌرتي. ساٿو ديرو. هلڪي تڏڙي هير. ساٿڻ لڱن کي ڪتڪتائي ڪندڙ. اُڌڙيل ساهن کي سنواريندڙ.

ڪا مهل اٿين-
موڪلايون
وري انجام
سيان هن ويل؟
نه-.
پرهين،
روز روز نه ڪڙڪ نه پوي
هتي؟
پلي
نه- ڪينچيءَ واري پل تي
پر
چنچلتا،
چرءَ اک نه لڳي وڃئي
ڊپيل تهذ ياڪر. ساٿيون منيون تنداڪڙيون.
موڪلائي:
وڪ، وڪ ۾، دهڪو دل جو. جوڪو پيرن هيٺان لتاڙيل، پر وقت جي لانگ ورايل. اڏڪي ساهه: ڪا مهل نه. ڪنهن جهڙي. هوشائيون وڪون، تن ۾ ٻيڙا وڌل. سجاڳ من جا سانتيڪا چوڪس حواس. وڪ، وڪ ۾ نه وچڙي.
سپ سڪ.
پوءِ: مائيل گهڙين جي اولڙن تي اڏيل، سامائيل سپنا.
ٻور جهلينڊڙ. جهوتن لاءِ آسائتا ڇڄڻ لاءِ.
وقت ۾ واجهه وڌل. وقت ڇميل. رڙهي نٿو. ڳجها تڏا ساهه. اُتاولو من، اُمازيون اندر ۾. پڇي راس ٿيندڙ آس. آسائتيون اکيون، ڊانوان ڊول ڪندڙ ماندائي.....
منديل مٺو وقت رڙهي ٿي نٿو!
جهرمر تارا. اپ ۾ اکيون. اندر ۾ ماندائي، چوڦير اونده جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. بک ۾ پاهه، پوءِ به اجهل وڪن ڪي هونش جا ٻيڙا وڌل. متان: آس جهوتي تي ڇٽي پوي.
اونده جون چوليون، پڏل لوڪ. ٻرٻر تذڪار جي ورڪا ۾، دفن ٿيل. آسائتيون اکيون اپ ۾ ڪتل. اجهل وڪون ٻيڙا ڇڏائيندڙ. اٽل آيل: چوڦير

نگاهہ مٿ ۾ ساهہ. پوءِ بہ جوڪو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ وراڻيل. وقت پيرن هيٺان اٽڪيل ساهہ. اجهل وڪون، يار ڏانهن. رٺي جو پٽڪو. مڙداني همٿ. وڪ، وڪ ۾. اندر جي ادمي جي ڇير تي اجهل وڪون. پير، پير ۾.

اوندهہ جو اٿاهہ سمنڊ جهاڳندڙ. من جي اڪ سان هرگس چاڳندڙ. ڪيئن پيرا لتاڙيل، تنهن ڪري چاتل سڃاتل.......

يار اڳ، اوسيڙو ڪندڙ.

اوتجي آيل پوڳ جو خيال من ۾؛

مڙدانو آواز ٺاهي؛

’متان ويو آهين.‘

سراپيل همراهہ. ٽپيءَ ۾ پيل. پوءِ، امالڪ ياچ.

ڌپيل ٺهڪڙن جي ڦوهار ٻانهن ڪان جهلي، ڀاڪر ۾ پڪڙ.

’گيدي آهين.‘

’بلي. تون هٺين.‘

’ڪيڏانهن پٺي پڳين؟‘

’مون سمجهيو-‘

’تو سمجهيو اجهو ڏٺي اچي پڳا.‘

’نہ، تڏهن بہ هوشيار تہ رهجي.‘

ڏاهپ جا ٻول!

’ڏڃين تو؟‘

’نہ جاني، تڏهن بہ ڪتڪو تہ-‘

ٽپيءَ ۾ پيل!

’جي اهڙي مهل اچي-‘

اونهي کوهہ مان جهيڻو آواز.

’سر لڳي.‘

’پڪو انجام.‘

’مڙساٽي ڏاڙهي.‘

’پٺي نہ ڏيندين؟‘

’اهو لعنتي ٺٺي.‘

وربل ويساهہ. اڱ- مٽي خوشيءَ ۾ اوتيل. ٻاپوهہ جا گل پڪڙيل ڳلن تي. ڳچيءَ ۾ ٻانهن جو هار. چمين جي ورڪا.

ٿيل.

هڪ ٻاڇو ٻچندڙ.

يار جي ٻاچ جي وڪ. گهوباٽو. هنياء تي ڦهڪو تي لڳندڙ.

ڪومـاٽيل ذهن. ڪومـاٽيل حـواس. سـر تي اُٿي، منهن ڏبو.

ڪوماٽيل ذهن ۾ سوچ جو ترورو. پاڻ سنيااليل؛

'حيف تس.'

'نه وٺي آهين رن.'

پولار ۾ بولاٽيون ڪائيندڙ آواز ڪي سڃاڻڻ لاءِ؛

ادو؟

اسالڪ چوتيءَ ۾ هٽ. ست؛ ڪـريل رن. ڪتي، ڪيـڏانهن ڀڳي يار؟

اوسان 'خطا. ڪجي جهڙي پت.

يار جو لفظ بت بٽـيل لڳن تي ڇندبو تي لڳل. تتل. ٻڙڪا ڏيندڙ پاٿيءَ جو ڇندبو؛ روح ۾ ڦلڪٽو ٿيل.

'آ- اچي تو-'

چمڪاٽ. وڄ ڪريل. ڪنڌ لڙيل. ڏڪ متان ڏڪ. بت ڌرتيءَ تي زيڪو ڪري ڪريل. ڳڙڪايل ڪيڪراٽ. رات جي اونداهين سانتيڪي سمنڊ جي پيٽ اندر.

۽ پوءِ ساڳي سانت.

ٻئي ڏينهن، سج ايرئي راج ڏٺل؛ واهه ۾ لڙندڙ لاش سڃاڻپ وڃايل. چيائون 'ڪاري.'

۽ پوءِ سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان لڳل.

- مهراڻ 1977ع

# پهرين انام کهاڻي

اڄوڪي صبح واري اخبار جي اهم خبرن منجهان هڪ خبر: پنهنجي ڏي؛ کي مارينڊڙ، شهر جو برک ۽ جهونو وڪيل گل محمد، جنهن تي پرهين؛ ڪورٽ ۾ پنهنجي ڏي؛ کي مارڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلئو هو، سو رات پوليس جي پهري هيٺ وارڊ ۾ مئل لڌو ويو!"

هن ڪيس جي اهم خاصيت هي؛ هئي ته: نه رڳو وڪيل صاحب جي ڊاڪٽر، سندس زال، جيڪا به هڪ پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي ۽ سندس وڏي پٽ، جيڪو به چڱي خاصي عهدي تي آهي، جي بيانن منجهان، پر مرحوم جي همٿ واري ميڄتا منجهان پڌرو هو ته شهر جي ڏاهي وڪيل پنهنجي ڏي؛ کي جاڻي واڻي ۽ سٽيل رٿا پٽاندر ماريو هو.

مرحوم جي زال ٻڌايو:

"منهنجي هڪ ئي نينگري، جنهن کي منهنجي مڙس سعيو ڪري ماريو، سا ننڍپڻ کان وٺي ئي چري هئي. اسان سندس علاج ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. نيڪ ٿي ويندي هئي، وري ساڳي حالت. ملڪ جي وڏين وڏين اسپتالن ۾ ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ کان پوءِ به، جڏهن سندس صحت مڪمل طور نه سڌري ته پوءِ اسان ڪيس آمريڪا نيئي وياسين. اتي سندس علاج تي هزارين روپيا خرچ آيو. پر، خير سندس حالت ڪافي سڌري. اتي ٻن- ٽن مهينن دوران چريائپ جو مٿس ڪو به شديد دورو ڪونه پيو. جيئن ته رڙيون ڪرڻ، گاريون ڏيڻ، پنهنجي سر منهن ڪري لوهه پائي پچڻ، يا وڙهڻ وغيره. البت چپ چپ ۽ موڳي موڳي رهندي هئي. ماهر ڊاڪٽرن ٻڌايو ته آهستي آهستي نارمل ٿي ويندي. اسين ڪيس واپس وٺي آياسين ۽ دوائن جو ڪورس ڪيس باقاعدي ڪرائيندا رهياسين. هتي به مهيني ڏيڍ تائين ساڳي حالت ۾ رهي. چپ چپ ۽ موڳي موڳي. ڳالهائيندي هئي ته موڳائپ سان ۽ چڻ سوچيندي سوچيندي ياد ڪندي ڪندي......

"خير، اسان کي ويساهه هو ته اسان جي اڪيلي ۽ پياري نينگري ٿوري ئي وقت ۾ نارمل ٿي ويندي. وڪيل صاحب وٽ به جونيئر وڪيل ها، جي وٽس سکندا ها. انهن منجهان هڪ سلڇڻو ۽ شڪل شبيهه جو ناهوڪو جوان هو. وڪيل صاحب جو مٿس ڏاڍو راز هو. غريب هو، پر ڏاڍو مخلص ۽ ايماندار هو. وڪيل صاحب خيال ڪيو ته ڇوڪري به هاڻي نيڪ

ٿيندي پئي وڃي، سو سندس شادي انهيءَ نوجوان، پنهنجي جونيئر وڪيل سان ڪرڻ لاءِ سوچيائين. مون سان صلاح ڪيائين. جو مرحوم سدائين منهنجي ڳالهه کي رکندو هو. سندس نظريو هو ته زال زندگيءَ جي ساٿڻ آهي، دوست آهي، دوستن جا باهمي لاڳاپا سدائين هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي هوندا آهن، نه عام رواجي زال- مڙس جي لاڳاپن وانگر، جن ۾ زالن مٿان مردن کي برتري هوندي آهي. هو انهن مذهبي تصورن تي ننولپون ڪندو هو، جن ۾ مردن کي مجازي خدا ڪوٺي، عورت تي لازم ٺهرايو ويو آهي ته انهن جو هر طريقي سان خيال رکن ۽ نالي ماتر عورتن جي حقن جو ذڪر ڪري، عورتن لاءِ مردن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ فرض ٺهرايو ويو آهي. الا ڪيڏو نه عظيم انسان هو پاڻ!

"خير، مون کي به سندس اهو خيال وڻيو. ڇوڪرو مون کي پسند هو، ڇوڪري ۽ سندس ماڻٽن به ها ڪئي. سچ پچ اسان کي هڪ نئين حياتي ملي. وڏي ڳالهه ته اسان، پنهنجي منڙيءَ لاڏليءَ سان به ذڪر ڪيو، هن به انڪار نه ڪيو. بس! مان ڇا ٻڌايان..... خوشيون ئي خوشيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو، هڪ رات........

"مان سمجهان ٿي ته ان ويل رات جا ايائي ڪن ٿيا هوندا ته اوچتو منهنجي راڻي (مان کيس پيار مان سڏيندي هيس) دانهن ڪري اٿي. ۽ پوءِ، انهيءَ وقت کان پوءِ وري ساڳي حالت! هتي ڊاڪٽرن کي ڊيڪاريوسين- پر وقتي آرام، پوءِ ساڳي حالت. وڪيل صاحب بنهه نااميد ٿي پيو. بس، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ چوٿين- پنجين ڏينهن ڪيس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي دل جو دورو پيو. خدا خدا ڪري پاڻ بچيو.

"منهنجو خيال هو ته، نوجوان جونيئر وڪيل سان جنهن سان ڳالهه ٽيل هئي، راڻيءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيون. من شاديءَ کان پوءِ چڱي ٿئي. پر انهيءَ جي ابتڙ وڪيل صاحب جو خيال هو ته، اهو وڏو انساني ڏوهه ٿيندو. ڇوڪريءَ جي حياتي تباهه ٿيندي. ۽ اسانکي اهڙو ظلم ۽ ناانصافي ڪرڻ نه گهرجي، جو پنهنجي زندگيءَ جو عذاب، جيڪو اسان کي هڪ ڄٽيندڙن جي حيثيت سان مليو آهي، اهو هڪ معصوم ۽ اڻ لاڳاپيل انسان جي مٿان مڙهي ڇڏيون. اها سراسر بي انصافي ۽ مهاپاپ ٿيندو. مون کي سندس هن دليل، راڻيءَ جي شاديءَ ڪرائڻ کان باز رکيو ته: ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت سان ۽ هڪ ٽي ڏيءُ هجڻ جي ڪري پاڳلپڻي جي ڪارڻ پيدا ٿيندڙ

جي.........."

"مون سندس انهيءَ ڳالهه کي فطري ۽ عام رواجي سمجهندي (جيڪا هن حالت ۾ هر پيءُ کان متوقع ٿي سگهي ٿي.) چيو: "بابا، اوهان کنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪريو. اڃا اوهان جي حياتي وڏي آهي، پرامید رهو." پوءِ پاڻ ئي هن موضوع کي ختم ڪندي چيائين، "پٽ، انسان ڪيترو به پرامید رهي، پر هن حالتن ۾ هھڙي قسم جا ويچار اچڻ سياويڪ نه آهن. خير ڇڏ انهن ڳالهين کي.

"پوءِ هتان جون ڳالهيون ڪري، پاڻ موڪلائي ويو."

ڊاڪٽر ٻڌايو:

"واقعي ڪان هڪ ڏينهن اڳ، مرحوم ساڍي نائين ڏهين ڌاري مون وٽ آيو. سندس ڳالهين منجهان مونکي ڪٿي به سندس اصل نيت جو ڪٿي جيترو به احساس نه ٿيو. ڳالهين دوران هو بلڪل نارمل پئي لڳو. اسانجن ڳالهين، جنهن کي بحث چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، جو موضوع زندگي، زندگيءَ جو مقصد، ماهتاب جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ائبنارمل انسان جي زندگي ۽ موت جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ائبنارمل انسان جي زندگي ۽ موت ۽ انهيءَ لاڳاپي سان رياست جون جوابداريون وغيره هو. جيتري قدر مونکي ياد پوي ٿو، هڪ ڀيري چيائين، جڏهن زندگي، (پوءِ ڪيتري به دلڪش چونه لڳي) خود عذاب بڻجي وڃي، تڏهن هن عذاب کان ڇوٽڪاري جو واحد رستو زندگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ آهي. يا، ڙندگي، زنده رهڻ جي ڏس ۾ جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. جيڪو انسان جدوجهد نٿو ڪري سگهي، ساٿ ڏئي نٿو سگهي جيڪڏهن انهن کان زندگي کسي وڃي، نه اهو ڪو گناهه ڪو نه آهي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڳالهيون، جيڪي هينئر سمجهه ۾ اچن ٿيون نه هو ماهتاب کي ذهن ۾ رکي ئي ڪري رهيو هو ۽ اهي ڳالهيون ان وقت سندس ذهني ڪيفيت ۽ سوچ جي انداز کي ظاهر ڪن پيون. بهرحال مان پوري ويساهه سان چوان ٿو نه، وڪيل صاحب اهي ڳالهيون بلڪل نارمل حالت ۾ چيون ۽ مون کي انهن ڳالهين منجهان سندس اصل نيت جو ذرو به پروڙ نه پئجي سگهي. هو مون کان پوڻين يارهين ڌاري موڪلائي اٿيو.

ڏوهه مڃيندي مرحوم وڪيل صاحب جيڪو بيان ڏنو، انهيءَ منجهان ڪي ٽڪرا.

(وڪيل صاحب جي گهريلو بيان جو ڇپيل ڀاڱو سندس گهر واريءَ جي بيان جهڙو آهي. انهيءَ ڪري ورجاءِ جي ڪوفت کان بچڻ لاءِ، سندس بيان مان ڪي ٽڪر ئي ڏجن ٿا.

..........ڪيس مارڻ کان پوءِ، منهنجو ضمير هينئر بہ مطمئن آهي.نيٺ هن چريءَ جو هن دنيا ۾ هجڻ يا نہ هجڻ مان ڪيس پاڻ کي يا سماج کي کهڙو فائدو؟ سندس موت جو انتظار ڪرڻ کان اڳ (جيڪو ڪيس اوس اچڻو هو) ڪيس مارڻ ۾ سندس ئي ڀلائي هئي. هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي هڪ پنهنجي پاڻ شاهدي ڏيندڙ (Self-evidence) سچائي آهي......

.........جڏهن مان اسپارٽين جو ذڪر ڪيان ٿو، تڏهن منهنجو مطلب اهو ناهي تہ ڪمزور ۽ نبل ٻار کي جمندي ئي جبلن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي. اهو دور ٻيو هو، اڄ سائنسي دور آهي، ممڪن آهي (۽ اڪثر ڪري) اهي نبل ٻار اڳتي هلي سگهارا ٿين. پر مان جيڪا ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو بنياد هيءُ آهي تہ: اهي انسان جيڪي زندگيءَ جي تبديليءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ نٿا ٿين، يا نٿا ٿي سگهن، جو منجهن اهڙو ست ناهي، تہ پوءِ اهي رڪاوٽ بڻجن يا ٻين انسانن مٿان بار بڻجڻ بجاءِ، بهتر آهي تہ پنهنجو انت آڻين. ڇاڪاڻ تہ هونئن بہ حياتي مٿن بار آهي، سواءِ ڪارج جي زندگيءَ جو بار ڍوئڻ ڇا حماقت ناهي"

نيٺ ماهتاب کي زنده رکڻ مان ڇا هڙ حاصل؟ محض مائٽن جي جذباتي تسڪين جي پورائيءَ لاءِ! جڏهن تہ مائٽ خود محسوس ڪن ٿا تہ هوءَ، مٿن بار بڻيل آهي– منهنجي آڏو بہ رستا هئا: يا تہ هن کي ماري ڇڏيان (جيڪو رستو مون اختيار ڪيو) يا تہ ڪيس ڪنهن تجربيگاه ۾ موڪليان، تہ جيئن باقي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ تجربا ڪيا وڃن.

جيتوڻيڪ ڪيس مارڻ ڪري مونکي سخت صدمون رسيو آهي ۽ افسوس ٿيو آهي، پر منهنجو ضمير ۽ شعور بلڪل مطمئن آهي......

.........مان هينئر اطمينان سان مرندس.

ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي ٽيم گڏيل راءِ ڏني تہ، سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، جوابدار فوتي گل محمد وڪيل، جنهن پنهنجي چريءَ ڌيءَ کي ماري، انهيءَ جو اقرار ڪندي، پاڻکي قانون آڏو پيش ڪيو هو ۽ دل جي مريض هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو هو رات جي اڍائي بجي ڌاري دل ٽٽڻ سبب مئو آهي.

ڊاڪٽرن هيءَ بہ راءِ ڏني تہ، جيڪڏهن وڪيل صاحب کي بروقت طبي امداد ڏني وڃي ها تہ، سندس جيئري رهڻ جا امڪان وڌيڪ هئا.

(بيشڪ جيڪڏهن وڪيل صاحب نہ مري تہ ها تہ هيءُ ڪيس انساني لاڳاپن ۽ سماج جي اهم مسئلي بابت هڪ انوکو ۽ دلچسپ ڪيس ثابت ٿئي ها).

# ٻي انام ڪهاڻي

لڳاتار ٽن سالن کانپوءِ-

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي ورانڊي مان لنگهندي؛ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو مٿس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ...... بابت ڪيترا ڀيرا سوچيو هئائين. اها آهي، ساڳي؛ ٿوري ڦير سان. ساڳيو اداس، گمڀير، وياڪل چهرو. سانورو هن تبديلي سان ته سندس ڇهڪندڙ ۽ ڀهڪندڙ سانورائپ، جيڪا ڇڪ جا باعث بڻيي هئي. سان ڪارائيل ۽ ڪشش کان وانجهيل.

هن جي نهارڻيءَ مان پڪ ٿيس ته. هن ڪيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي، اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي کانپوءِ ائين اوچتو؛ ملڻ تي جنهن جو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس، نه رڳو- سندس وجود ڏڏي ويو، پر چڻ گهڻيل عرصو اڳ وڏي جاکوڙ کانپوءِ مروٽيل ۽ چيپاٽيل ڏوهه جو احساس ڪر ڪٽي بيٺس. اهو سياويڪ هو. ائين چڻ ورتل قرض کي وسارڻ کانپوءِ، اوچتو سندس اڳاڙيندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل کي دٻائڻ لاءِ؛حيرت ۽ خوشي پاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس ابتڙ، هن جي منهن تي هن اوچتي گڏجاڻيءَ ڪري، ڪا به تبديلي ڪانه. ساڳي گمڀيرتا، خاموشي چهري تي. منهن لڳاتار خشڪ، چڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. (پر ڪيس ڄاڻ هئي ته هوءَ وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي)، هر عام رواجي ملاقات وانگر- ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. ڪي گهڙيون.

'تون هتي ڪيئن........؟'

'ايم. ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.'

'ٿي ويو؟'

'ها.'

'داخلا ملي ويندي؟'

'گورنمنٽ موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ٿي گهرجي.'

ٽي سال اڳ؛

سيڪنڊري اسڪولن جي ماسترن لاءِ ٽريننگ جي ڪورس، بي.ايڊ ۾ گڏيا. ڏنائون، ڏسندا رهيا، نوٽس، ليسن جي تياري جي سلسلي ۾ ملندا رهيا. گهرا ٿيندا رهيا، سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا رهيا. هڪ ٻئي کي سمجهندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن فلم جو پروگرام. لڳ ڀڳ روز، انٽرويل جي دوران علي بابا ريسٽورينٽ ۾ چانهه، گفتگو، ڳالهين جو نه ٽٽندڙ سلسلو.

هڪ ڀيري هن ڪيس پنهنجن گهريلو حالتن بابت ٻڌايو؛ پاڻ گهر ۾ ٽي ڀاتي آهن. پاڻ، سندس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي. سندس پيءُ ٽيپدار هو. ماڻس پڻ پرائمري اسڪول ۾ ماستريائي هئي. ٻنهي جي پيار جو نتيجو هئي. ڇهن سالن کانپوءِ، جڏهن هو پاڻ اجا ننڍڙي هئي. پڻس ٽيپدار، ماڻس کي بلڪل جڏي ڏنو. ان وقت سندس ننڍو ڀاءُ، ماڻس جي پيٽ ۾ هو. ڪيس پيءُ جو چهرو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، اجا تائين ذهن ۾ ڪُتل؛ ڀنگ پيئڻ ڪري ڳاڙهيون اکيون، ڪاراٽيل چپ ۽ منهن تي ماتا جا داغ. گاريل.

۽ پوءِ ماڻس کي سلهه ٿي پيئي. يا ڪيس اڳيئي سلهه جا اثر هئا، جيڪي پوءِ ظاهر ٿيا. ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ، يعني هن جي ناني به، سلهه وگهي مئي هئي.

۽ هينئر هو پاڻ گهر سنڀاليندڙ هئي. ڪمائيندڙ، سلهه ورتل ماءُ جي پرگهور ڪندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو مستقبل سنواريندڙ. خاموشي، ڳنڀيرتا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالهائڻ ۾ نهنائي، بردباري، خدمت ۽ شفقت جو اظهار، سندس ڳڻ بڻيل.

ملندا رهيا، هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا رهيا. جيتوڻيڪ ٻنهي مان ڪنهن به هڪ سان مستقبل جي ڳانڍاپي جو ڇتو ۽ گهرو احساس ٻنهي کي هو. لاشعوري طور پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٻنهي کي لڳندو هو ته، پاڻ اڳتي هلي هڪ ٻئي جا ٿي ويندا؛ ذڪر نه ڪيل، اڻ لکيل، ڪڏهن اظهار نه ڪيل، محض گڏيل سمجهه، مستقبل ٻيئي جي گڏيل احساس هيٺ، ڳانڍاپي جو انجام ۽ ان ۾ لڳندڙ اهڙو ويساهه جو، ڪڏهن به ٻنهي مان ڪنهن کي اظهار جي ضرورت محسوس نه ٿي.

پاڻ چاهيندو هو ڪيس، شدت ۽ ڀرپور تڙف وچان پيار ڪرڻ؛ جو سندس طبيعت ۾ بيچيني، اندروني امنگ کي پوري شدت، گرمي ۽ اڳرائي

سان ظاهر ڪرڻ جا جذبا تپ تار پريل ها، جي توري بہ پيار واري ماحول ۾ قوهاري وانگر اٿل کائڻ لڳندا هئا. ۽ ڦهريون ڦيرو جڏهن پاڻ، انهيءَ اٿل هيٺ ڪيس شدت سان پيار ڪيائين؛ ڀهرين سندس هٿ ونئي، انهن کي زور، ٻوءِ چميون، ٻوءِ ڀاڪر.....جواب ۾ هن بہ موٽ ڏني، ساڳي پيار سان. پر انهيءَ پيار ۾ اها تڙف، اهو ولولو ۽ جوش ڪونہ هو. پربور شفقت هئي، مادرانہ شفقت! ڀاڪر مهل جوابي زور ڏيڻ بجاءِ، پٺيءَ تي هٿ ڦيرائڻ لڳس ۽ ٻوءِ وارن ۾ آڱرين سان ڦڻي ڪرڻ لڳس. ائين جيئن ماءُ، يا وڏي ڀيڻ، پنهنجي لاڏلي پٽ يا ننڍڙي ڀاءُ کي پيار ڪنديون آهن.

جيتوڻيڪ هن جي انهيءَ ٽڏي ۽ شفقت سان ڀريل پيار جي موٽ، سندس تڙف جو جوش واري پيار جي گهرج پٺاندر نہ هئي؛ اهو ڪيس لڳو، پر انهيءَ کي محسوس نہ ڪيائين. شايد انهيءَ ڪري جو، اهو سندس لاءِ، اهڙي قسم جو ڀهريون دفعو هو. ۽ ٻوءِ پاڻ سندس منهن ۾ ڏٺائين؛ هن جا چپ ڦڙڪي رهيا ها، تڪو ساهہ ۽ اکين ۾ ڳوڙها! هن پنهنجين اکين ۾ سوال ڪٽي، سندس منهن ۾ ڏٺو، ڳوڙهن جو ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ. زبان مان ڪو ڪارڻ ٻڌائڻ بدران، هن، سندس منهن پنهنجي سيني ۾ ڪري، ڪيس ٿڦڪيون هڻڻ لڳي ۽ وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي ۽ هن پنهنجي ڪياڙي تي، سندس ڪرندڙ ڳوڙها محسوس ڪيا.

۽ ٻوءِ هر ڀيري اهڙوئي شفقت ڀريو پيار، بنا ڳوڙهن جي، خوشي جي ڏهيل اظهار سان، سندس پرجوش ۽ ولولي واري پيار جي موٽ ۾.

هينئر، علي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾، جڏهن هوءَ سندس سامهون، خاموش ويٺل.پاڻ سوچيندڙ، انهن ڀهرين ڀيري جي ڳوڙهن جي ڪارڻ تي؛ ۽ پهتل هن نتيجي.تي تہ، اهي ڳوڙها، محروميئن سان ڀريل زندگيءَ ۾ ڀهرين مليل پيار جي موٽ ۾ توري بجاءِ آئڻ جا ڳوڙها ها!

۽ ائين ئي هلندڙ سلسلو.....

تہ هڪ ڏينهن ڪيس پٽس جو خط مليو، جنهن ۾ شادي سندس سوٽ سان ٿيڻ ۽ ڳالهہ پڪي هجڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل هو. سندس وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ، ڪيس، سندس سوٽ ڏني ويندي! چاڪاڻ تہ سندس چاچو، حيثيت ۾ ڪانئن وڏو هو. هيءَ خط سندس لاءِ اڻ– ملهي ۽ هڪ عجيب سپني نما خوشيءَ جو ڪارڻ بڻيو ۽ ٻوءِ ڪيس، "هن" سان هي ڪيل پيار هڪ راند لڳي؛ ورهونءَ، جيڪا ٿلهو وقت ڪاٽڻ لاءِ يا دل وندرائڻ لاءِ ڪئي وڃي. پر جڏهن هن، اندر جي دٻاءَ هيٺ ڪنهن ڪنهن

مهل هن مامري جي ڳنڀيرتا تي ٿي ويچاريو تہ ان ويل، ڏوهي احساس جي تيز چهڪ جي پيڙا، سندس وجود کي ايڏوتہ ٿي نپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنھہ سن ٿي پيانيائين ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ يا دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيٽ جي لاءِ واڻ ناهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءِ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو، سندس منهن تي ايندڙ پاون کي پڙهڻ لاءِ، ۽ ڏنائين سندس ڪارائيل منهن ۽ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل بہ تيز ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائين. خط واپس وٺي. پڇيائينس: ”تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

هن سندس منهن ۾ ڏٺو، ڪيس لڳو تہ، سندس اهو سوال هن کي نہ وڻيو آهي. چيائين: ’جيڪو تنهنجو خيال.‘ پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي مرڪ. جنهن مرڪ هيٺان ارمانن جو ڍير پوريل.

ٻئي ڏينهن سندس خط مليس:

--”.... تون شادي ڪري ڇڏ. مون کي ڪوبہ افسوس نہ ٿيندو. هن معاملي ۾ جذباتي ٿي نہ سوچ. زندگيءَ جون ٺوس حقيقتون، اسانجن جذباتي خواهش جي تابع نہ آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران بريٽ آهي. مان بہ اهو نٿي چاهيان تہ، تون مون سان ڳنڍجي ٿي، بريٽ ۾ پٽڪين ۽ ڪجهہ نہ ماڻين. زندگي ماڻڻ لاءِ آهي، اها ڪٿان جي ڏاهپ آهي تہ: هڪ صحتمند زندگي کي، مڙندڙ، ناڪاري ۽ هاڃيڪار وجود سان ڳنڍي ان صحتمند زندگيءَ کي وقت کان مرجهائڻ، ۾ ڪجهہ ماڻڻ کانسواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ جا ڪارڻ پيدا ڪيا وڃن؟ ڇا اها بي انصافي ناهي؟

منهنجي امڙ سلهہ جي مريض آهي. منهنجي ناني بہ سلهہ ۾ مئي هئي، انهيءَ ڪري اهو قياس ڪان پري ناهي تہ مان بہ....هجان. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿي تہ اڄ جي دؤر ۾ هن مريض کان ڇوٽڪارو بنھہ ممڪن آهي، ان هوندي، خبر ناهي ڇو، (جيڪو سياويڪ آهي.) منهنجي دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي تہ منهنجي زندگي بہ منهنجي امڙ جي زندگي وانگر اونداهين ۽ روڳي آهي، مون پنهنجو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن ڪڏهن بہ شڪايت جي عادت جو موقعو نہ پيدا ٿئي. ڇاڪاڻ تہ شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ ڀيانڪ ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي.

مان هيءَ سڀ جذباتي ٿيجي، لکي نہ رهي آهيان. پر اڳ پٺ ڄاڃي

ڪي يونيورسٽي مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻا اهن، جو ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾ مون کي پيش ڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري دير......'

بل هن زوري ڏنو. ڪيس، مرڪ سان هيءَ چوندي ته: 'تون بچڙيوال آهين، توکي هن ريت هوٽلن ۾ پيسا وڃائڻ نه گهرجن.' ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي به ڏئي سگهڻ جي همت ساري نه سگهيو! دراصل هو: خبر ناهي ڇو، پنهنجو پاڻ کي هن آڏو، گهٽ، خسيس ۽ ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري محسوس ڪري رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن ڪانپوءِ:

جڏهن پاڻ گورنمنٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ هيڊماسٽر جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تڏهن هوءَ گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياني ميٽنگ ۾ ڀيريون ڀيرو ڪيس ڏنائين. جڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پيڃرو، ڪارائيل ڏيرو منهن، اندر ويٺل ڪوڙن ۾ چمڪندڙ مٽڪيون، ڳل اندر ڀيهيل، ڪٻا. تڪليف سان ڪڇندڙ ساهه ڪري، ٿهلجندڙ- سسندڙ ناسون، سمورا وار اڇا، هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪير جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سائي بارڊر سان. ڪئين ڀيرا ڏٺل خواب، پر اڄ چٽو ۽ مبهم! ڀهرين ڇاڻ هوندي به نه سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهٽيل خواب لڳندي به. سڃاڻي ورتائينس. هن به ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڪا ڪانه ڏنائين، ته ڪو ڪيس ڇاڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ٻهڙن موقعن تي، اٿين ٿي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا ڇاڻل سڃاڻل، ۽ پوءِ به اڻ- ڇاڻل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

ڀهرين ڀيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽريس فجر مهل گذاري وئي.

سندس مٿان جڻ وڄ ڪري، سندس جسم، اتي ئي ڪرسي تي هڪ هنڌ ڄمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوچتي موڪل سببان، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. ٽيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هلڻ واسطي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

جو آواز. گهرن ۾ بند انسانن جون دليون هيسيل ۽ اڪيون ڪجهه ڇاڻ لاءِ آتيون، پر جرئت نہ ۽ ٻاهر. واقعي واري جاءِ تي ها لاش، ٽڙيل پکڙيل، اونڌا پاسيرا. لاش، جي ڳاٽائي ڪان ٻاهر هئا. لاش، جن مان ڪن جون اکيون بند هيون تہ ڪن جون ڪليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائيندڙ. ڪن جا وات ڦاٽل هيا تہ ڪن جا بند. ڀڳل عـضـوا، چچريل جسم ۽ رت ۾ ٻڏل لاش، اڄ جي سهارن ۽ سيان جي اميدن جا لاش- لاش، مائرن جي اکين جي تارن، پينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڻين جي سهاڳن جا لاش، انهن انسانن جا، جي مئا هئـا، پنهنجو پاڻ لاءِ نہ، پنهنجن ٻچن لاءِ نہ سـائيـهہ لاءِ نہ، زندگيءَ جي خوشحاليءَ ۽ پيار جي بقا لاءِ نہ.

۽ هيـا، مـوت ۽ زندگيءَ جي ٻہ واٽي جي وچ تي بيـٺل، ڦٽـيل، چچريل، زخمن جي درد ڪـان لڇندڙ ۽ ڪنجهندڙ زخمي- ڪنهن ڪنهن وقت، درد جي شدت وچان انهن جي دانهن ٿي اڀري، نہ تہ سناٽو ڇانيل هو ۽ ان سناٽي ۾ لڪ جو گهوگهٽ ۽ ڪنهن مهل ڪنهن ڦٽيل جي دانهن ڪجهہ پوائتي ۽ دهشتناڪ ٿي لڳي. سج آسمان جي وچ تي پهتو. سج جا سڌا ۽ تيز ڪرڻا ڌرتيءَ کي ٽٽي وانگر تپائي رهيا هئا. رت جي اُپ، هوا ۾ رت جي اُپ گاڏڙ عجيب بوءِ، تيز ۽ دل ڪچي ڪندڙ. مٿان آسمان جي وسيع خلائن مان ڳجهن ۽ سرڻين جا لامارا.

ٻئي ڏينهن خبر آئي: ٻن پيرن جي مريدن جي وچ ۾ جهيڙو، ٻہ ٽي مئا ۽ ڳچ ڦٽيا.

ڪجهہ ڏينهن گانپوءِ خبر آئي: سنڌ جي ٻن گبر پيرن جي وچ ۾ ناهہ، چونڊن لاءِ تڪ ورهايا ويا. اختلاف ختم.

۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان ٻنهي پيرن جون جيپون چيچاٽ ڪنديون، امن ۽ صلح سان لنگهنديون آهن، انهن مئلن مريدن جي روحن کي ڪچلنديون، جيئرن مريدن جي ساڃهہ، سمجهہ ۽ عقل کي چيپاٽينديون.

# بيٺل ڦيرو

۽ هينئر، جڏهن آزاديءَ جو ڏينهن پوين پساهن ۾ آهي، محسوس ڪيان ٿو ته، هيءُ ڏينهن مون لاءِ غير رواجي ڏينهن هو. ٿيندڙ هر ڏينهن کان نرالو- لڳيم ٿو چوڌاري لڳل جهنڊيون، ڇنڪار ۽ سموري وايو منڊل جي تبديلي، ڌاريائپ ۽ هيڪلائپ جو احساس ڏياريندڙ آهن. لڳي ٿو، جهنڊين ۽ ڇنڪار وسيلي، هن منڊل ۾ جا خوشي ڀري وئي آهي، سا ڄڻ ته زوريءَ ڳتي وئي آهي. ۽ ڦيڏين جي منهن تي، جا موڪل سبيان مهڪ آهي، ڪيڏي نه ڪوڪلي ۽ خوشيءَ کان وانجهيل آهي. هڪ قسم جي اداس، اداس خوشي!

اهو مون کي ائين لڳي ٿو، يا سچ پچ ائين آهي؟

موڪل ته هونئن هر آچر تي به ٿيندي آهي- پر ائين نه محسوس ڪندو آهيان، جيئن اڄ. يا نيان ٿو اڄ مون سڄو ڏينهن ڪن اڻ- ڇاتل احساسن ۽ جذبن جي لوچ هيٺ لوچيو آهي. ڪهڙا احساس ۽ جذبا، سمجهي نه سگهيو آهيان. مبهم آهن، اڻ- ڇتا. يا مون ۾، تنڪي سمجهڻ جي مٽيا ڪانه آهي.

خير، ڏينهن گذري ويو. هر ڏينهن وانگر. پر هيءُ انوکو، آزاديءَ ۽ نجات جو ڏينهن.

ڏينهن جي ختم ٿيڻ ۾ باقي ڪو وقت هوندو.

اٿان. ڪولين ۾ بند-ٿيڻ جو وقت ٿيڻ وارو هوندو. اڳتي رڙهندو وڃان. اجهوڪي گهنڊ وڳا.

برج
جيل جون ڊگهيون ڀتيون
ڪليل ڇتو نيرو آسمان

شام جو هن مهل جو جيل جون ڊگهيون، ڀتيون ڪيڏو نه اداس ٿيون لڳن. ويڳاڻيون. لهندڙ سج جا سونهري ترڪا ۽ نماشام جو هيءُ سمو هر شيءِ کي اڪائيءَ جو گهرو رنگ چو ٿو ڀري! ها، هينئر سمجهه ۾ آيم ته اڄوڪي آزاديءَ جي ڏينهن تي، لوچيل احساسن ۽ امنگن ۾ اداسيءَ جو هڪ عنصر به هو. ۽ هيءُ نم جو وڻ به، جنهن هيٺان مان ويٺو آهيان: اداس آهي، اڪيلو (يا مون کي لڳي ٿو). هن اڪيلي نم جي وڻ هيٺان ويهي،

مان جيل جي سپريڊنٽ جي هدايت- نہ، ڇاڪاڻ تہ جيل جو حاڪم هدايت نہ ڏيندو آهي، حڪم ڪندو آهي، هو جيل جي حاڪم جي حڪم موجب آزاديءَ جي جشن جو لطف ماڻي رهيو آهيان-

"اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي آزادي ملي هئي،
اڄوڪو ڏينهن آزاديءَ جهڙي بي بها نعمت
جو تحفو ڏيندڙ ڏينهن آهي. ۽ اسين
هڪ باوقار قوم جي حيثيت سان دنيا جي
نقشي تي اڀريا هئاسين.... هيءُ اسان جي
تاريخ جو عظيم تر ۽ قابل فخر ڏينهن آهي....
جو هن ئي ڏينهن تي هيءَ ڌرتي، ڌرتيءَ جا
کيت، ڪارخانا، ملڪيتون پاڻ کي مليون هيون."
- (۽ مون کي؟)-
هونءَ اهو ننڍو جيلر جو، جنهن ٽاڙين وڄائڻ جو اشارو ڪيو هو.

"اوهين ڇاڻو تہ ۽ اوهان هتي انهيءَ جو شدت سان احساس محسوس بہ ڪيو هوندو تہ، آزاديءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪا بہ ڪانہ آهي."

"سچ" رمضان پٽڪيو هو.

(اوڏيءَ مهل ننڍي جيلر جون ڪرڙيون اکيون مٽس پيون هيون)

"اڄو تہ هن تاريخي ڏينهن تي نئين سر عهد ڪيون، اسان هر قيمت تي پنهنجي پياري ۽ جان کان وڌيڪ عزيز آزاديءَ جو تحفظ ڪنداسين."
تاڙيون.

سو اڄ هن مبارڪ موقعيي تي اوهان کي عام موڪل ڏني وئي آهي، جيئن اوهان آزاديءَ جو لطف ماڻي سگهو."

۽ مان هتي، نم جي وڻ هيٺان، جيل جي ڏکين، ويڳاڻين پٿن جي اوٽ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي پڄاڻيءَ وارين گهڙين جو لطف ماڻي رهيو آهيان.

آسمان صاف آهي. نيرو ۽ گهرو. سامهون برج تي بيٺل سپاهي تڪل پيو پائنجي. خير. منهنجو ڇا وڃيس. آسمان جي ڇتي، نيري وسعت هيٺان اڏامندڙ سرٽيون ڪيتري بلنديءَ تي هونديون؟

الاءِ. آسمان جي نيراڻ نہ رڳو گهري آهي، پر ڇتي. هينئر جيڪر جهڙ تي پوي. ڪارا ڪڪر ڇانئجي وڃن. وڏ-ڦڙو وسي پوي.

گهر

رات: ساڳي. صبح: ساڳي.منجهند: ساڳي. شام: ساڳي. رات: ساڳي...

۽ هتي:

فيڪٽري- اٺت- ڪولين ۾ بند- ننڊ- جاڳ- فيڪٽري- ماني- ڪاڪوس- پيشاب-

ساڳيو..

چڪر آهي. پهرين ايندڙ پوائنٽي. ان چڪر ۾. دل ٿيندڙ ڪچي، اورٽ. پوءِ لائيف روٽين. سواءِ ڪنهن سواد جي، احساس جي.

چڪر: هڪ هنڌ ڄميل.

ائين ٿي سگهي ٿو: ته- منهنجي لاءِ هن حيثيت ۾، جنهن ۾ آهيان، اهم سوال اهو ناهي ته ڪٿي گذاريان ۽ ڪيئن؟ ۽ اهڙي چونڊ ڪيان. پر زندگي، ڇاڪاڻ ته، ها، ڇاڪاڻ ته گذارڻي آهي، گذري وڃي، جو گذارڻ لاءِ ملي آهي- ملي آهي! ته- دراصل مڙهي وئي آهي. اهو وڏيڪ درست آهي. اهو ته ظاهر آهي ته منهنجي پيڄ يا راضپي ڪانسواءِ ٿي-

بهرحال، هاڻي اتان، وقت- ڪجهه رمضان سان ڪچهري ڪيان ۽ پوءِ سمهان.

اتان-

آزاديءَ جي ڏينهن جي لڳل جهنڊين ۾ هينئر اها رونق ۽ نواڻ نه رهي آهي. ڪيترين جهنڊيون نوڙين مان ڇڄي هيٺ پڌر تي پڪڙجي ويون آهن. هوا تي هيڏانهن هوڏانهن پيون اڏامن. ۽ ڏينهن به- آخري پساهن مهل وڏيڪ اباڻڪو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ صبح واري جوين جي هلڪي رونق اڃا اٿس، اها رونق مون لاءِ هينئر اڪيلائيءَ جي احساس کي وڏيڪ اڀارڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ۽ - عيد جي ڏينهن به ته اهڙي ئي اڪيلائپ ۽ ڌاريائپ جو ڇٽو احساس ٿيندو اٿم! جڏهن هر هنڌ، هر ڄڻو، ڀرپور خوشيءَ واري ڏڻ ۾ پاڻ وڃائي ڇڏيندو آهي.

هينئر ته مان پاڻ کي عجيب عجيب لڳي رهيو آهيان. جيئن ته سانوري شام جو رنگ گهرو ٿيندو وڃي، تيئن پنهنجو پاڻ کي ڌاريو لڳي رهيو آهيان. هن ڏينهن وانگر، جيڪو آزادي ۽ نجات جو ڏينهن آهي. اسان جي آزاديءَ جو ڏينهن. يعني منهنجي آزاديءَ جو ڏينهن. هائي !.

اوهه! کهڙا نه سهڻا پکي آهن! ڍنڍ جا پکي آهن. گهڻا... هڪ-

ٻه- ٽي- چار- پنج- ڇهه- ست- اٺ -نو- ڏهه- يارنهن- ٻارهن.

نيري آسمان جي ڦهليل ڇٽي نيري وسعت ۾، سندن اڇاڻ ياري ٿي لڳي، ۽ سندن قطار، وڃي رهيا آهن. قيد جي برجن واري اڏول ۽ باوقار لڳندڙ ڀتين جي هن پار، خوابن جي جڳ ۾، جتي ڇيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته آزادي آهي. هر ڇڻو آزاد آهي، جيل جي هنن ڀتين کي ڏسندي ڏسندي لڳندو آهي ته، جڏهن کان زندگيءَ جو وجود ظهور ۾ آيو آهي، هيءَ ڀت آهي.

پکين جي قطار؟ ڏکڻ ڏانهن اڏامي. اڙي گهر به- ته پکين جي اها قطار، اسان جي گهر مٿان لنگهندي هوندي-

-گهر

بابا هينئر ننڍڙي اڳڻ ۾ کٽ تي چلم مان ڦوڪون ڀريندو هوندو. امان سندس پير ۾ ويٺي هوندي. ڪچهري ڪندا هوندا. بابا ڪيس پنهنجي صاحب جون ۽ آفيس جون ڳالهيون ٻڌائيندو هوندو. ۽ امان وري اوڙي پاڙي جي ڪنهن نوجوان نينگر جي- ۽ منهنجو به ذڪر-

ادي؟- بابا ۽ امان جي کٽ جي ٿورو پرڀرو واڻ جي منجيءَ تي ٽٽوٽو ڏيندي هوندي. ڪاٺ جي ڦٽوٽي ۾ آيل جون آنگوڻن جي ننهن سان ماريندي هوندي. هر روز هن مهل اٿين ٿيندو آهي. پوءِ اٿندي. چانور سوئيندي. رڌيندي. کائيندا. سمهندا. صبح جو اٿندا. نيرن، وري منجهند. وري شام وري......

!

ساڳيو ڦيرو!

سمجهه ۾ نٿو اچي. هن ريت زنده رهڻ جي معنيٰ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

"جڏهن الله تعاليٰ کي پنهنجي وجود جي ظهور جو خيال ٿيو، ته هيءَ جهان، انسان، حيوان، جنات.... هڪ اشاري سان خلقيا آهن، ڪنهن ملي جي واتان ٻڌو هوم يا...خير، ڪيڏي بيوقوفي!! محض پنهنجي وجود جي نماءَ لاءِ سڀ خلق ڪي- اها ڪهڙي ڏاهپ آهي؟ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم: سج جي گولي مان هڪ ذرڙي جو الڳ ٿيڻ، زمين جو ٺهڻ، اميبا..... انسان جو بتدريج وڌڻ- هي سڀ ڪجهه ارتقائي حادثو آهي. ڪيڏو المناڪ

اٺان. هينئر ته بند ٿيڻ جو ٽائيم اچي پريو هوندو. ڪيترو ٿيو هوندو؟ ياڻيان ٿو ته- پر هتي جيل ۾ رهڻ جو احساس ئي ڪونه ٿو ٿئي.

زندگي ڪيڏي سست آهي. قيد ۾ وقت جا ماڻ بي معنيٰ آهن. جي احساس آهي ته، وقتي- اڪيلائپ جي انهن گهڙين ۾، پنهنجي منهن سوچڻ مهل، پنهنجي قيدي هجڻ، ۽ قيدي هجڻ جي لحاظ کان ڪنهن مبهم انتظار، جو خود سوال بڻيل هوندو آهي. ۽ وري اهو به عجيب ته: اها ڄاڻ هوندي، ايندڙ ڏينهن، هر ساڳئي ڏينهن وانگر، ساڳيو ڏينهن آهي، پوءِ به ان جو انتظار! جي سپاهي هي گهنڊ نه وڄائين ته هوند وقت هڪ هنڌ ڄڀ وانگر بيٺل لڳي، لڳي؟ پر نه- جيل ۾ وقت ڄميل آهي، سپاهين جا اطلاع ڏيندڙ گهنڊن جا اهي آواز، دراصل وقت جي ڄڀ کي اڳتي ڌڪيندا آهن. جائي به، وقت کي ائين هترادو ڌڪڻ هڪ قسم جي دلچسپ راند لڳندي آهي. پر ساڳئي ڏينهن، پنيان ساڳي رات، ساڳي پنيان ساڳيو ڏينهن، وقت جي انهي هترادو ريڙهه جا جاکوڙ کي شاندار شڪست ڏئي ڇڏيندو آهي.

هائي اٿڻ گهرجي. سچ پچ هيءَ سڪون واري جاءِ آهي. دل به چويم ٿي ته وينو هجان. ائين اڪيلائيءَ ۾، سوچ جي وهڪري ۾ وهندي، هڪ قسم جو مخصوص سرور اچي رهيو آهي.

پر، وبهي نٿو سگهان. پسند يا چونڊ منهنجي لاءِ بي معنيٰ لفظ آهن. جيتوڻيڪ ڀانيان ٿو ته، اندر ۾ هلڪي هلڪي خواهش سرڪي رهي آهي: هتڙي وينو هجان. پر

هائي اٿان. مٿان رمضان اچي نڪري. اچڻ شرط عادت موجب ڪلي پڇندو: "ڇا وينو ڪرين اڪيلو ٿي اڪيلو".

"بس. اُهئين"

"اڙي اُهئين ڇا؟"

جائي به عجيب جواب آهي. 'اُهئين' – اهو ته نٿو ڄاڻان. پر سدائين اڪثر سوالن جا جواب، انهيءَ لفظ سان ڏيندو آهيان. ضرور هينئر ڳوليندو هوندو، سندس روبي مان پڌرو آهي ته دوستي رکڻ چاهي ٿو، جيل ۾ ساٿي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، پر مون کي اڪيلائي پسند آهي. هُنئي جي موجودگيءَ ۾ عجيب قسم جي بيچيني ۽ مونجهه محسوس ڪندو آهيان ۽ پريشاني ٿيندي اٿم. وري سندس سوال مٿان سوال، ڪيڏو ڪڪ ڪندا آهن. اهو بنهه نه وڻندو اٿم ته مون کان ڪو سوال مٿان سوال ڪري. نه ڄاڻ ڇو، انهي کي پنهنجي مٿان حملو سمجهندو آهيان ۽ نه ٿي- مان ڪنهن کان سوال ڪرڻ چاهيندو آهيان. پر مان سندس دل پڇڻ نٿو چاهيان. ان ڪري سندس قرب ڀرئي روبي جي موٽ به مناسب انداز سان ڏيڻي پوي ٿي. ڪلهه

تي چيائين:

"مهيني ڪانپوءِ تون آزاد ٿيندين."

مان اگ ٿي، پنهنجو پاڻ مان بيزار ويٺو هوس.

"پوءِ--"

"ٻاهر تون آزادي ماڻيندين."

"ماڻيندس؟ آزادي. هن ۽ پهريدارن جي حدن کان پوءِ چرڻ، پرڻ آزادي آهي؟" جواب پائڻ لاءِ، اڳتي سوچڻ جو ارادو اجايو سمجهي، لاهي ڇڏيم.

"هون." هن کي ورائيم.

"ڪمال آهي!"، هن کي منهنجي ٿڌي ۽ بي پرواهي واري موڊ تي حيرت لڳي.

سندس حيرت واري ڪيفيت تي، مان منجهيو هوس، ششدر وچان، پوءِ هڪدم سوچ جو ڪانٽو حياتيءَ ۾ ملندڙ مختلف ڪيفيتن تي بيهندو، رڙهندو ويو:

- جستجو ۽ جاڪوڙ: اتساهه ۽ جوش وچان.

(جا پوءِ خفقان لڳندڙ)

- اميد ۽ آس: ويساهه جي روشنيءَ ۾ جرڪندڙ.

(جا پوءِ سوچ جو سراب لڳندڙ)

- نراسائي ۽ نا اميدي: اداسيءَ ۽ غم ۾ ويڙهيل.

(جا پوءِ اجائي لڳندڙ)

اڪثر پنهنجي وجود کان اڻ- چاڻ: اهو تہ مان آهيان ڪونہ. جو ڏينهن جي روٽين ۾ گم ٿيل.

۽ پوءِ انهيءَ وَهَڪَ سان چرندڙ ڪيفيت پٽاندڙ هستيءَ جو هر رخ بي معنيٰ لڳندڙ. بس حياتي گذارڻ جو لفظ، ايڏو وزني آهي جو-

يا ڪا معنيٰ زنده رهڻ لاءِ جواز بنجي سگهي ٿي؟ جي ڪا معنيٰ ڏنل ناهي تہ پوءِ- مون وانگر هيءَ بہ هتي يا هتي

"چو! جواب نٿو ڏين." هن سجاڳ ڪيو هو.

"هان!....هون."

هو ڪليو هو، پاڀوهہ منجهان، مون ڏانهن معنيٰ خيز نظرن سان

نهاريندي، هن جي ڪل ۾ منهنجي لاءِ پيار هو، ان پيار ۾ سادو ۽ پاڪ خلوص هو. (۽ رحم جو جذبو ب؟) ان پيار ۾ مون پاڻ کي هيچ ۽ هن کي وڏو محسوس ڪيو هو.

"ڪتاب پڙهي پڙهي، تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي؛"

هن جي چوڻ جي انداز ۾، مون لاءِ پيار (همدردي؟) هو ۽ ان انداز ۾ پورو اعتماد پڻ بڪيو. مون کي پنهنجي ٿڪائيءَ جو احساس پاڻ ٿيو هو.

هو وري ڪليو هو. منهنجي جواب تي وڏو ٺهڪ ڏئي. اوهيو ڪولين ۾ بند ٿيڻ جو گهگهو وڳو آهي، هاڻ ته اٿان–

# وقتائتو موت

- مري ويو!

خبر ناهي ڪيس مرڻ گهربو هو يا نه. بهرحال مري ويو. اوچتو. صبح جو مثل ڏناؤنس. جيتوڻيڪ اهو وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو، ته ڪو اٿين، انهيءَ عمر ۾، اوچتو مري ويندو. رات تائين بنهه چاق چگو ڀلو هو. ڪلهه شام، ستين ڏاري، پڇس پڇيس:

'ڪراچي انٽرويو ڏيڻ ڪونه وئين؟'

"چو؟"

"ياڙو ڪونه هو."

"پوءِ مون کي ٻڌائين ها، يا ماڻهين کان گهرين ها."

چپ.

"وات ۾ لڦون اٿئي؟"

چپ.

"باقي ڪاٺ مهل ٻئي گوڏا ٻجي اچي وهندين، نواب جو پٽ."

"پيسا گهرندي شرم ٿئي آيو."

"ڪائيندي شرم نٿو اچئي."

چپ.

پوڙهي جي ٻڙ- ٻڙ سمجهه ۾ نه ايندڙ......

چپ. جهڙي ٻت. ٻي جان بوتو.

انهيءَ کان اڳ:

"رئيس وٽ درخواست ڪٽي ويو هئين؟"

"ها."

"پوءِ چا چيو هنائين؟"

"چيائين، مان ڪوشش ڪندس."

"ٻيو ڪجهه به نه چيائين؟"

"نه."

ڪنهن دفعي:

"رئيس وٽ ويو هئين؟"

"نه بابا."

"چو؟"

"هن ڪان اڳ ڪيترا ڀيرا ويو آهيانس. ٽاري ڇڏيو اٿائين. مان سمجهان تو: ڏنا تو ڏٺي....."

"تون سمجهين تو..... نوڪري توکي گهر ويٺي ملندي. ڪيڏانهن ويندي ڪونه باقي.... حرام ڪاٿو. چٺ ته حرام هڏين پنجي ويو اٿم. ٻيا ڇوڪرا جڻ ڪوششون ڪونه پيا ڪن. هن رئيس کي اصل ٽالهي ۾ رکي ڏجي....."

چپ.

اها سندس خاصيت هئي گهٽو ڪري چپ. گهٽ- ڳالهائو. چٽڪ بلڪل نارمل، ٿڌو مزاج. ڪڏهن به ڪاوڙ: چڙ: يا ڪنهن به قسم جي تاثر جا ڀوَ سندس چهري تي نه ايريا!

ماسس چيس:

"ابا. هيترو پڙهيو آهيان، ته به توکي نوڪري نٿي ملي؟"

"بس ماسي، چا ڪيان!"

"ڪهڙو امتحان پاس ڪيو اٿئي؟"

"ايم- اي."

"پٽي صاحب جي حڪومت ۾ ته ديگ. چڙهي پئي آهي ابا، ڪجهه ڪوشش ڪر."

"ماسي، ڪيان ته پيو."

ماٿس چيو:

"جن هن ڪان اڳ پاس ڪيو، تن کي به نوڪري ملي وئي، جيڪي هن ڪان به گهٽ پڙهيل تن کي به نوڪريون ملن پيون، باقي هن جو الاءِ ڪهڙو ڀاڱ ڦٽل آهي.."

"امان، ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪا منهنجي وس ۾ آهي."

"پوءِ به نٿي ملئي نه، اصل نياڳو آهين."

"هيڏي ڀڌ."

"جيءُ، بابا."

"ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اتيئي."

"رلڻ پنڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪم نه اٿئي."

چپ.

"پڙ ڪو وزير ٿو اچي، عام ڪچهري ڪندو. تون درخواست کڻي وڃينس، ۽ سڄي حقيقت ٻڌائينس: غريب ڪلارڪ جو پٽ آهين. بابو هڪ ڪمائڻ وارو آهي. ۽ سٽ ٻار...."

"انهي لاءِ ويو هوس."

"ڪيڏانهن؟"

"ڊي- سيءَ وٽ."

"ڊي- سيءَ وٽ ڇو؟"

"اجازت نامي لاءِ."

"ته اجازت نامي ڪانسواءِ عام ڪچهري ۾ نٿو وڃي سگهجي؟"

"نه، بابا."

"ڊي- سي ڇا چيئي."

چيائين: "نوڪري لاءِ درخواست پيش ڪري نٿي سگهجي. اهو عام مسئلو آهي."

پٽس چپ.

پاڻ به چپ.

ٻاهران آيو. رات ڳپل گذري ويل. پٽس در کوليندي پڇيس: "ڪٿي هئين هن مهل تائين؟"

"اتيئي.....بس دير ٿي وئي....."

ماڻس جاڳي. پڇيائين: "ڪير آ؟"

"تنهن جو ڪاٺو پٽ. ڪمائي آيو آهي."

چپ.

"ماني نه کائيندين! رئيس."

"نه، بابا- بک ناهي."

جيتوڻيڪ کيس سخت بک لڳي هئي!

"انٽرويو ڏئي آئين؟"

"ها بابا."

"پوءِ؟"

"انٽرويو ۾ ڪجهه به نه پڇيائون. رڳو نالو، پيءُ جو نالو ۽ تعليمي لياقتون پڇي ڇڏي ڏنائون."

"پوءِ آهي ڪو آسرو؟"

"الاءِ بابا.... پر سيني پئي چيو ته اپائنٽمينٽ اڳ ۾ ٿي چڪي آهي. هيءَ رڳو فارملٽيءَ جي پورائي لاءِ آهي."

"هون-"

اتساهه. ڪهاڻي- جيڪا بلوچستان جي هڪ تازي واقعي بابت:
"اها بلوچ عورت، جنهن جي....."
اوچتو: ڊي. پي. آر.
اتساهه مروٽيل، هٿ ۾ قلم، اڇو ڪاڳر، خالي خالي!
'اهو پريو مڙس اسان کي، موئن جي دڙي کان موٽندي ڏوڪري اسٽيشن تي، گاڏيءَ جو انتظار ڪندي، پليٽ فارم تي مليو. ترڪي ٽوپي، بادامي زرين جو ڪوٽ، هلڪي اڇي ڏاڙهي، ڪتر ڪيل مڇون ۽ ناسون، ناس سان، ناسي ٽيل. هٿ ۾ اڇو رومال، جنهن سان ذري ذري، نڪ ۽ چپ جو مٿيون حصو صفا پئي ڪيائين.
- سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهيو؟
- ها سائين!
ڳالهائڻ شروع ڪيائين: سنڌ کي نئين سر جيارڻ جي هلچل.......ها، سنڌي هڪ قوم، سادي سٻاجهي. سادگي ۽ سٻاجهائي ڪمزوري بنيل. اوهان نئين دور جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڄاڻو ٿا: تاريخ جي هر دور ۾، ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهه آهي........
'اوهان منهنجا ٻچا آهيو. اوهان کي ٻڌايان: جڏهن هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن، مغلن جي ناجائز پونئرن ها: حرامي ٻارن ۽ انگريزن ۽ ٻين ڦورو ۽ لٽيرن جا پير اچا هن ڌرتيءَ تي نه پيا تڏهن، ها، تڏهن....
(هلندڙ قلم هڪ هنڌ بيٺل)

اوچتو: سنڌي ڪا قوم ناهي، پاڪستان ۾ هڪ ئي قوم رهي ٿي، پاڪستاني. غداري- سزا.....
اتساهه مروٽيل، هٿ ۾ قلم، هٿ هڪ بيٺل. ذهن خالي.
رات جو هڪ. اڇو ڪاڳر، هٿ ۾ قلم، لکڻ لاءِ پربور اتساهه.
"هيءُ ان ماءُ جي لال جو ذڪر آهي، جيڪو، پوليءَ وارن ڪرايل فسادن ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو. ڳڀرو جوان، هائي پربل منهن تي هلڪي مڇن جي ريهه............"
سيڪشن...
اتساهه مروٽيل، هٿ ۾ قلم، هڪ هنڌ بيٺل.
"- سائين، هن مان جيڪڏهن 'سنڌ' جو لفظ ڪڍيو ته بهتر.."

# مئل زندگي

ڪراچي. ڊسمبر جي اداس شام. ڇدا ڇدا ڪڪر آسمان تي نڪرندڙ. اڳ پڇائيندڙ-

- خاموش آهين؟

-دراصل سياري ۾ شام جو سمهڻ ڪري سستي اهڙي ته وڪوڙيو وجي جو......

- تهنجي مڊم؟

- حيدرآباد وئي آهي

خاموشي-

- ڪٿي غلط وقت تي ته نه آيو آهيان؟

- نه نه. اهڙي ڪا ڳالهه ناهي.

- ڳالهائين ڇو نٿو؟ اجا ننڊ-؟

- تهنجي سياست جا ڪهڙا حال آهن؟

- پيارا. سياست منهنجي بابي جي ناهي؛ تهنجي به آهي.

- ٺڪاٺپ جو ٺهڪ.

خاموشي.

- تهنجي سروس جو ڪهڙو حال آهي؟

- مڙئي ڳاڏو گهلجي پيو.

- مطمئن آهين؟

- رهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان.

- منهنجو مطلب آهي؛ تنهن جو ضمير مطمئن آهي؟

- مون ڪي تون. منهنجي ضمير کان ڊار ته ڪري نٿو سگهين.

- تنهن جي معنيٰ ته تون پاڻ کي بي ضمير بنائڻ ۾ رڌل آهين......

- مان تهنجي نتيجي کي رد نٿو ڪيان.

- ايڏي جرئت واري بي شرمي!

- نه، حقيقت جو اعتراف.

خاموشي.

- ٻيا ڪهڙا حال آهن- وقت ڪيئن پيو گذري؟

- تو اهو سوال مون ڏانهن لکيل خط ۾ به ڪيو آهي. چاڻان ٿو،

تون اهو سوال، هر ملندڙ کان رڳو هن ڪري ڪندو آهيان ته: جيئن پنهنجي مقصد جي بيان لاءِ ميدان تيار ڪري سگهين.

- مطلب؟

- مطلب ته: جواب ڏيندڙ اڳلو، فطري طور پنهنجن حالتن جي غيريقيني ۽ عدم سلامتي جو رڙهو پٽيندو ظلم، بي انصافي ۽ زيادتين جو بيان ڪندو، پيانڪ ۽ غيرسلامت مستقبل وغيره وغيره پوءِ تون مڪينيڪل انداز ۾ لائين فٽ ڪرڻ شروع ڪندين: پيارا! اسان جي ملڪ ۾ سماج جون اهي ڪڙيون حقيقتون آهن. جنهن جو احساس نه رڳو تون، پر هر مظلوم انسان ڪري ٿو. پر بنيادي سوال آهي ته، اهي ڏاڍايون ۽ بي انصافيون ختم ڪيئن ٿين. رڳو رئڻ ۽ شڪايتن سان ته ڪجهه نه ورندو. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته سڀ مظلوم طبقا گڏجي جدوجهد ڪن. تحريڪ هلائين، حال ۽ مستقبل جي سلامتيءَ لاءِ. تحريڪ هلائڻ لاءِ تنظيم جي ضرورت آهي، قربانين جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته....

وڏو ٺهڪ.

- وڏو حرامي آهين.

- تنهنجي انهيءَ فتويٰ سان اتفاق نٿو ڪيان.

- خير، هلون ٻاهر.

- هلون ٿا. مان هٿ- منهن ڌوئي وٺان.

- دير لڳندي؟

- خاص نه. تون تيسيتائين هتان ڪو ڪتاب کڻي ڏس.

- منهنجي خط جو جواب؟

- هن نوٽبڪ ۾ اندر رکيل لفافي ۾.

- هي نوٽبڪ پڙهي سگهان ٿو.

- خوشيءَ سان. بڪواس لکيل اٿس، پڙهي وقت زيان ڪندين.

- ڇٽبو ته بڪواس به لکين ٿو.

- مان خود هن ڌرتيءَ تي بڪواس آهيان.

چڱو، جلدي ڪپڙا مٽي وٺ.

**خط:**

تو مونکي ليڪچر پيارڻ سان گڏ، جيڪو هدايت نامو ڏنو آهي؛ انهيءَ بابت مان ڪجهه چوڻ نٿو چاهيان.

تو پڇيو آهي؛ وقت ڪيئن پيو گذري؟ سمجهان ٿو تنهن جو هيءَ

سڄاڻ آهيان ته تبديلي جي هن جاکوڙ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ پاڻ وڃائي ڇڏڻ، نه رڳو اڄ جي حالتن ۾ منهنجو بنيادي فرض آهي، پر منهنجي ذاتي بي اطميناني ۽ ذهني ڇڪتاڻ جو علاج به. ڏوهاري هجڻ جو اهو تکو احساس آهي، جنهن جا ڪاپاري ڏک، مون کي ڪڏهن ڪڏهن ساڻو ۽ بي ستو ڪيو ڇڏين، ۽ مان......

اوچتو احساس ٿئيم ٿو ته، ڪئي روايتي ليڪچر بازي ته نه ڪري رهيو آهيان. چپ ٿي وڃان ٿو! خاموشي ٽوڙيندي، سواءِ ڪنهن اڳواڻ جي ويچار جي؛ فلم جو پروگرام پيش ڪيان ٿو: 'هل، ته فلم تي هلون.'

ڇئي ٿو سگهان، هيءَ بناوٽي ۽ وقتي فرار جا طريقا پناه ڏيڻ ۾ ڪيسيتائين سات ڏيندا؟

•

سنڌي شاگردن جو هڪ وفد آيو. ڪتابن تي پيل بندش خلاف احتجاجي جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٺينڊ ڏيڻ واسطي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائون ته جلوس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اڪثر ليکڪن ۽ شاعرن مختلف عذر پيش ڪري انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جن ۾ قومي، عوامي وغيره لقبن سان نوازيل به شامل آهن. ڪن چيو: هيءَ وقت ڪان اڳي، جوکي وارو ۽ اجايو مارائيندڙ قدم ٿيندو. ڪنهن چيو، مان ٻچڙيوال آهيان، جي مون کي ڪجهه ٿيو ته منهنجن ٻچن کي قوم ته ڪانه سنڀاليندي! ڪنهن نوڪريءَ جي مجبوري ڏيکاري! ڪنهن چيو: بابا! اها سياست آهي، اسان فنڪارن جو ڇا وڃي! ڪنهن چيو: صبر ڪيو، پنهنجن جي حڪومت آهي گهڻو ڪجهه ٿيندو. ڪن ٿلهو همدرديءَ جو جذبو ڏيکاريندي، پنهنجي شريڪ نه ٿيڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ ڪو وزني عذر پيش ڪندي جلوس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڍير صلاحون ڏنيون! ۽ جڏهن ڪين اسان ٻڌايو ته فلاڻا فلاڻا نالي چڙهيا انڪار ڪري چڪا آهن ۽ اسان کي جلوس ڪڍڻ ڪان جهليو اٿن. ته ورنديءَ ۾ انهن صاحبن، ڪين گاريون ۽ لعنتن جا ڏوڙيا لائي ڏنا ۽ ڪين ڪانئر، بزدل، وڪائل، جي لفظن سان نوازيو. خير مان سوچي رهيو هوس ته ڪهڙو عذر پيش ڪيان. نيٺ ڪوبه عذر نه سمجهيو، يا اهڙي اخلاقي جرئت ساري نه سگهيس. شريڪ ٿيڻ جي هام ڀريم. همدردي ڏيکاريم ۽ چندو ڏنم.

چاڻان ٿو: مان جلوس ۾ ڪونه ويندس. مڃان ٿو. حالتن سان مقابلي جي جرئت ڪانه اٿم. سوچيان ٿو: مون جو شاگردن کي چيو ته منهنجيون همدرديون اوهان سان آهن، سو همدرديءَ جي ضرورت جرئتمند

شاگردن کي آهي، يا مون کي، پنهنجو پاڻ کي!

•

اڄ آفيس ۾، ڪنهن حادثي سبب اوچتو، نوڪريءَ جي غير يقيني هجڻ جو شديد احساس ٿيو. ههڙي قسم جي غير يقيني حالت جي نتيجي ۾، غير سلامتيءَ واري اذيت ناڪ يوڳنا ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته هيءَ سسيفس واري زندگي پنهنجو پاڻ تي ڇو مڙهي اٿم. ايتري قدر جو، هيءَ زندگي منهنجي ڪمزوري بڻجي وئي آهي!؟

•

(تيون ڏينهن جي واقعي جنهن ريٽ مون ک ذليل ڪيو ۽ نيچپڻي جو شديد–)

•

نوٽبڪ هٿن مان ڦرينديءَ، ڦٽو ڪنديءَ: ،اڙي يار، ڇا پڙهي ڪندين. اٿ ته هلون.'

'Damn it, Come on.'

ٻاهر، رستي تي:

– ڪامريڊ ڇا پيو سوچين؟

– تنهنجي خط تي ۽ نوٽبڪ ۾ لکيل–

– بکواس آهي. وقتي طور اپريل جذبن جو جذباتي اظهار. هن تي سوچي پنهنجي انرجي زيان نه ڪر.

– پر مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته سواءِ ڪنهن نصب العين جي، نيٺ تنهنجي زنده رهڻ جو مقصد؟

– پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ متا– ڪٽ ڪرڻ.

– ته ڇا تون پنهنجي انهيءَ زندگيءَ مان مطمئن آهين؟

– ڪير به پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نه آهي.

اهو Defence mechansim آهي.

–تون هن کي 'Defence reaction' به چئي سگهين ٿو. پر ائين ڪرڻ يا ان انداز سان ائين سوچڻ، ضرورت بڻجيو پوي.

– پر پيارا، جبلي گهرجن کي ته جانور به پورو ڪن پيا. تون انسان آهين، هڪ سلجهيل ۽.....

– سمجهه ته مان تنهنجي مفهوم وارو ا نسان نه آهيان.

– توسان پوءِ ڳالهائڻ اجايو آهي.

# نوٽبڪ/ ڊائريءَ منجهان

- بي معنيٰ زندگي......... هڪ چرٽي جو خواب. خواب ڏٺو هوم ته....... سيڪجھ بڪواس. بڪواس. بيڪار.

- سمجھ ۾ نٿو اچي ڇا ڪيان؟ منهنجي وس ۾ جو ڪجھ آهي ڪيان ٿو. نه چاهيندي به ڪيان ٿو. انٽرويو. وڏيرن وٽ. آفيس ۾ جتي انتهائي ذليل ٿيڻو پوي ٿو؛ وڃان ٿو. پوءِ به....

- پاڙي ۾ رات هڪ پوڙهو مري ويو. ٻڌندي اوچتو پيانڪ خيال آيم: بابا مري و........

- وڏي پٽ جي حيثيت سان- گهر جو بار- سڄو جسم ڪانڊارجي ويم ۽ پنهنجو وجود (مناسب لفظ ذهن تي نٿا اچن، جيڪي انهيءَ گهري احساس جو اظهار ڪن). دل چيو: جيڪر چريو ٿي وڃان. چرٽي ٿيڻ ۾ زبردست ڇوٽڪارو آهي.نجات آهي.

ڪاش! چريو ٿي وڃان.

سمجھ ۾ نٿو اچي مان زنده ڇو آهيان.

ڊاڪٽر. ليڪا. ته نديا گل نهيل. ۽ ڪنڊائتو لڪيل:

ڪيڏو نه بيچين، بي سڪو آهيان. ڪاش! اها جاءِ ملي جتي اوڇنگارون ڏئي روئي سگهان.

بابا گهٽ وڌ ڳالهايو.

سوچيم: اڳي ڪجھ ٿورو ڇوندو هو ته ورجائيندو هومانس ۽ هاڻ!

---

نوٽبڪ نه هو هڪ پراڻي، وقت گذريل (Out of date) ڊائري هئي: جنهن ۾ ضابطي ۽ قاعدي پٽاندر، جيئن روزاني ڊائري لکبي آهي، لکيل نه هئي. بس: ڪڏهن ڪڏهن جا تاثر؛ رد عمل يا ٻيو ڪجھ........... جن مان ڪن تي تاريخون لکيل هيون ۽ ڪن تي ڪجھ به نه.

# انسان بوءِ- انسان بوءِ

انساني وسندي. وسندي ڌرتيءَ جي ڀاڱي تي آباد. انسان رهندڙ. عام انسان. صدين جي تاريخ جي ڪک مان نسريل، اسريل قومي روپ ڌاري، پنهنجي سڃاڻپ ڪٺي. سندن سڃاڻپ، ڌرتي جي ٻين هنڌن تي وسندڙ عام انسانن وانگر، تاريخ، سڀيتا، ٻوليءَ ۽ پنهنجي سياءَ، جي ناتي پنهنجي ڌرتيءَ سان آهي؛ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل، نہ ڇجندڙ، انڪري ڌرتيءَ سان ناتو، ڌرتيءَ سان موهہ ۽ ان لاڳاپي سان پنهنجي سڃاڻپ ڪٺي. ان ڍهندڙ سڃاڻپ کي جيئڻ جو تيئڻ رکڻ ۽اڳتي وڌائڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيندڙ. وسنديءَ جا انسان. جتي جو ڄاوا نپنا آهن، سندن زندگيءَ ۽ حياتيءَ جي جيڙي وجود جون نسون، ڌرتيءَ سان ڳنڍيل، جڙيل آهن، جنهن منجهان وسنديءَ جا انسان، رهواسي. پنهنجي الڳ.ٽلڳ سڃاڻپ ۽ موجودگيءَ جا پساهہ کڻن ٿا. ان ڪري ڌرتيءَ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان، ٻوليءَ سان موهہ سياويڪ، پر هن وسنديءَ ۾ ڌرتيءَ سان موهہ، سڃاڻپ جو اتساهہ ۽ انجو اظهار ڏوهہ ٻڌيل.

ڌرتيءَ سان موهہ ڏوهہ آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جي ناتي سڃاڻپ جو اظهار ڏوهہ آهي. جيڪو موهہ ۽ اظهار انسان جو ڳڻ آهي. انسان جي وجود جو اهم ڀاڱو. سياويڪ. وسنديءَ ۾ جڳن ڪان وسندڙ انسان، پنهنجي انساني روپ جي اظهار لاءِ، ڌرتيءَ سان موهہ جو اتساهہ ڪٺي متي ايرندڙ، تہ؛ شڪاري ڪتن جي نوس- نوس؛ انسان بوءِ- انسان- بوءِ......انسانن مٿان مارو. جتي انسان نظر ايندن، اتي وٺ وٺان. شڪاري ڪتا جي انساني وجود ۽ ڳڻ کي ناس ڪرڻ لاءِ خاص مهارتي سکيا ورتل، ڏندن ۽ ننهن سان وچڙي ويندڙ. انساني سياءَ ۽ گهٽڻ واري چرپر ڪندڙ انسانن کي وچڙي ويندڙ، رتو ڇاڻ ڪري اڌ- مئو ڪري، يا ٻنهہ ماري........

شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

آباد انساني وسنديءَ ۾. جتي انسان رهن ٿا. جيئرا جاڳندا انسان. انساني وجود. هستي ۽ انساني سڃاڻپ جي بقاءَ لاءِ هٿ پير هڻندڙ.

شڪاري ڪتا: انسان ۽ انساني اهڃاڻن ۽ انسانيت جا ويري. خاص سکيا ورتل: جيئرن جاڳندڙن، چرندڙ پرندڙ انسانن ۽ انساني اهڃاڻن ۽ خصلتن کي ناس ڪرڻ لاءِ، انسان بوءِ، انسان بوءِ ڪري چوڦير گهمندڙ

ڦرندڙ، نوس نوس ڪندڙ جتي انساني بوءِ اچين، وسنديءَ جي تن انسانن ڪي وچڙي وڃن ۽ بي رحميءَ سان ڇيهون ڇيهون ڪرڻ ۽ انسانيت جي مڙني آثارن ۽ اهڃاڻن کي ناس ڪرڻ لاءِ هوڙهيائي ڪري ڪرڻ ڪرڻ ڪري ڪائيندڙ.

انسان دشمن شڪاري ڪتن جي، انسان بوءِ سنگهڻ جي حس تکي تيل، انهن کي خاص سکيا سان تکو ڪيو ويو آهي. وسنديءَ ۾، باچاهه بٺيو نوس نوس ڪندڙ. اکيون سٽت ٿي چرندڙ پرندڙ انساني اهڃاڻن جو اظهار ڪندڙ انسان تي پوندڙ، نوس نوس ڪري سنگهندڙ، پوءِ گهوريندڙ، پيڇيو ڪندڙ ۽ پوءِ مارو-

انسان- بوءِ، انسان بوءِ، ڪري مارو ڪندڙ

انسان- بوءِ، انسان- بوءِ، شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي انسان رهي ٿو. انسان جيڪو ازل کان آزاد رهيو آهي. پنهنجو خالق پاڻ رهيو آهي. پنهنجن قدرن ۽ نعمتن جو خالق. انهن کي ڊاهيندڙ ۽ ٺاهيندڙ. انسان: ذهن رکندڙ، سوچ مسرت رکندڙ، احساس امنگ رکندڙ. جاڪوڙ ڪندڙ. فطرت کي مات ڪري، پنهنجو وايو منڊل اڏيندڙ. انسانيت وارو وايو منڊل. مڙهيل اصولن، نيمن، قائدن ۽ نظرين جي پيڪڙي ڪندڙ. ناڪاري.

ناڪار: جا انساني اڏاوت ۽ تخليق جي اوسر جو اهم بُڻ رهي آهي ۽ خاص انساني خصلت ۽ گڻ آهي.

هيءَ ويهين صديءَ جي پڇاڙي آهي. هيءَ انساني وسندي ۽ ان ۾ وسندڙ انسان، ان ۾ پساهه کڻندڙ. سَنس (Scepsis) جو دور. ڪارڻ جي ڦولها، ناڪار جو دور: نظرين کان مڙهيل اصولن، قاعدن قانونن ۽ ورثي ۾ مليل عقيدن کان. انسان جي، انساني سياءَ پٽاندر. پر هن وسنديءَ ۾ اهو ڏوهه آهي. انسان- بوءِ، انسان بوءِ.........

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

جتي بہ ڪين انسان نظر اچي ٿو، تنهن مٿان لامارو ۽ ناس ڪرڻ لاءِ جهٽ.

انساني وسندي، جتي انسان رهي ٿو. انساني سوچ آهي.

سَنسِ آهي. ناڪار آهي، اڻ- مڃتا آهي، نئين ڄاڻ لاءِ اتساهه آهي،

جاڪوڙ آهي. مڙهيل نظرين، مڙهيل واٽن، نيمن، قاعدن قانونن.... ڪي للڪار آهي، هوڪار آهي، ناڏ آهي. ساٿيهہ ۽ انسان جي ناتي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ اظهار لاءِ جاڪوڙ آهي؛

انسان- بوءِ، انسان بوءِ.....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن. انسان ۽ انساني گڏن ۽ اهڃاڻن کي ميسارڻ لاءِ، انسانن جي وسندي، جيئرن جاڳندڙ انسانن جي وسندي.

انسان- بوءِ، انسان بوءِ....

انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن.

انسان مار شڪاري ڪتا؛ انساني رت جا هيراڪ انساني ذهن، وجود ۽ هستيءَ جا ويري، انسانن کي مارڻ لاءِ خاص سکيا ورتل، تکا، زهريلا ڏند انسان جي وجود ۾ چڪ هڻي چنبڙڻ، رت چوسڻ لاءِ آتا، پياسا.

انسان- بوءِ، انسان بوءِ.......

انساني وسنديءَ ۾ انسان مار شڪاري ڪتا نوس نوس ڪري رهيا آهن؛

انسان- بوءِ، انسان بوءِ.......

شـــام؛ رڪ جون نـــهـــيل، آڱريون ٽائيپ جي اڪـــرن تي پوندڙ: ٽڪ-ٽڪ-ٽڪ.......

ٻه مشينون گڏ هلندڙ. ٽائيپ رائيٽر ۽ روبوٽ.

صبح لاءِ بيضا آئڻ. اکين جا مٽڪا ٽي- ويءَ ۾ ڪٽل هر ڏينهن، هر ڏينهن جهڙو. هر شام جهڙي، وقت ۽ وڇوٽيءَ جي سرت ۽ احساس کان خالي. انساني حياتيءَ جي وجود هجڻ کان بي سرتو، اڻ چاڻ، چرندڙ، پرندڙ حرڪت ڪندڙ مشيني انسان!

# گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. پٽين تي ڪريل مقدس مذهبي لفظ پٽين تي، پٽين مٿان، پٽين جي چوڦير ۽ پٽين جي اندر مقدس مذهبي نعرا. بنھ پوريءَ ريت. چوڪسيءَ، چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان تن پٽين اندر ٻڌايل گيس چيمبر ۾ مقدس مذهبي نعرن سان والاريل، ڦاسايل، ٻوساٽجندڙ خلق.

هيءَ ويهين صـــديءَ جي پڇاڙي آهي. پڇاڙيءَ واري ويل. جڏهن انسان گهٽو ڪري وهمن کي مات ڪري، ڪائنات ۾ سوڀارو ٿي ايريو آهي.

هر ڏس ۾:

اڳ گهڙيل، جوڙيل مفروضا ۽ گهڙيل گس يا رد ڪري ڇڪو آهي، يا ڦيرائي ڇڪو آهي.

پر ڪيس چيمبر ۾ پوريل، جيئري جاڳندي خلق مٿان مڙهيل نظريا. ڏنڊي جي زور– ارھ زورائيءَ سان ٺاڦيل گس، تہ هينءَ حياتي گذاريو.

Regimentaation

گيس چيمبر

واريءَ تي اڏيل پٽيون. ڍگهيون پٽيون. پٽين تي اڪريل مقدس مذهبي لفظ. اڳاٽيءَ ٻوليءَ جا. عام جي سمجھ کان مٿانهان. چوڦير ڏاڍيان، وڏي واڪ گو گاءِ، اچار، ورجاءَ تن لفظن جو.

۽ عام خلق جو ساھ مٺ ۾.

ٻوسٽ هراس چوڦير ڦڪڙيل. ذهن منجهيل، ساھ منجهندڙ، ٽنٽي ڇڪتاڻ، لٽل منهن، بي بقائيءَ جي اندرين وهڪ. وسوساءَ ڇا ٿيندو؟ ڇا ٿيندو؟ نيٺ ڪيستائين؟ ڪو جياپي جو واءُ لڳندو؟ حياتيءَ جي تصور سان، ڇهبڪن جي زيبٽ جا اولڙا. ۽ سامهون ٻڌل، اگهاڙا انسان.

وڏيون شاهي ڏيک ڏيندڙ پٽيون جن تي پهرو ڏيندڙ، ورديون پهريل، چوڪس، ڇتا ٽيل پهريدار. جن جو هڻ پٽين کي سنڀالڻ جو زوريءَ ٺيڪو ڪٽيل. ان جائي پائيءَ، خارجي ۽ تاريخي سچائيءَ جي هوندي بہ تہ: پٽيون واريءَ تي اڏيل. نظرياتي پوچي سان، مقدس آسماني ڪتاب جي لفظن جو اُڌار ورتل، ۽ انهن لفظن جي ٻاڪار. ذري ذري ٻاڪار. گيس چيمبر ۾ واڙيل خلق جون مٽيون منجهائڻ لاءِ. گيس چيمبر ۾ ڦاٿل انساني وجود رڪندڙ،

حساس حياتيءَ جا پساهه کڻندڙ. وجود جون وايون بتال ڪرڻ. پنهنجي جياپي لاءِ سڪندڙن جي سڪ کي ناس ڪرڻ لاءِ ذهني جبر.

واڙيل خلق: اندر ٿي اندر. هر جيئري انسان وانگر. سوچ فڪر. چرڻ لاءِ آس ڪنيل.

هڪ هنڌ ڳاهت ٿيل. پوءِ به هڪ ٻئي کان ايڏو ڏار. جو هڪ ٻئي جي سڌ نه. اٿت جي ڄاڻ نه.

چتيءَ چوڪسيءَ جو-

لامارا ڏيندڙ ڳجهن. نوس نوس ڪندڙ ڪتن جا پاڇولا. ڇڻڪ وجود سان ٻت ٿيل. لڳل. جي نه.

ته به: اهڙو احساس سياويڪ.جو گيس چيمبر ۾ واڙيل. ڳاهت ٿيل.

دونهاٽ. پوست جي وايو منڊل ۾ چرپر. اندر ۾ آتت جي آس هيٺ:

- ڪجهه ٿيو آهي؟
- گيس چيمبر جي ٻي ڪنڊ ۾.

چپ:

- گوڙ ٻڌين ٿو!
- ڪجهه ٿي رهيو آهي.
- ڪنهن شي کي ساڙيو اٿن.
- چپ ڪر.

هراسيل:

- منهن تي هراس. سانتيڪا چهرا. پر اندر ۾ اماڙيون.
- ڪتو آهي.
- لعنت.

بي شمار

ءِ واڙيل خلق جون نور پٽاريون اکيون ڏسندڙ.

ءِ اونڌي منهن ٻڌل انسان. پٺن تي زيڪا چهبڪن جا.

گيس چيمبر ۾ گونجندڙ پرڏيهي اڳاڻي ٻوليءَ جا مقدس لفظ ۽ پوءِ سانت. سانت ۾ منجهندڙ ساهه. ماٺ. دجال گهمي ويو.

مقدس مذهبي لفظن جو ڏاڍيان. وڏي واڪ ورود؛

دجال گهمي رهيو آهي.

زبانون بند. اکيون بند. ڪن بند. زبانن تي ڪلف لڳل اکين تي پٽيون ڪنن ۾ ورجايل شيهو واڙيل. بند ڪيل انسانن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ. بي بقائي/ بي يقينيءَ جي ڪيفيت. ويساهه گهاتيءَ جو ڇتو احساس. ويساهه گهاتي ٿيل. نظرياتي حفاظت جي نالي ۾ مقدس لفظن جي آڙ ۾.

سربراهه:

– وري ڪجهه ٿيو آهي.

– نيٺ انسان پوريا ويا آهن.

– ڇا انسانن کي ائين ڳچ وقت تائين پوري، بند ڪري سگهجي ٿو؟

– هو گوڙ ٻڌين ٿو؟

– هيءَ ڪاٿون پيرو آهي؟

– پر هر پيري ناڪام ٿيل.

– نيٺ تہ هيءَ ٻاٽ اوندهہ ختم ٿيندي.

هن گيس چيمبر جي.

– ها. اکين تي زوريءَ چاڙهيل ڪوپا لهندا. زبانن جا ڪلف ڀڄندا ۽ ڪنن مان شيهو.

هو ٻڌ: ڪٿي گوڙ ٿي رهيو آهي!

– ڪجهه ٿيڻ وارو آهي.

– اوس ٿيندو.

– ڪڏهن بہ انسان کي ائين، واڙي، پوسٽ ۾، ذهني، جسماني پوسٽ ۾ پوساڻي نٿو سگهجي.

(سانت)

– ها پوساڻي، پوساڻي ماري نٿو سگهجي. اهو انساني سياءَ جي ابتڙ آهي.

– پر بنيادي سوال آهي: اسانجو ڇا ٿيندو، جيڪي نڌڪڻا آهيون ۽ ڪنڊ ۾ واڙيل. گيس چيمبر جي اهڙي ڪنڊ ۾ جتي چري پري بہ نٿو سگهجي.

– الاهہ! هتي ساهہ کڻڻ ڪيڏو ڏکيو آهي!

– هتان نڪرڻ لاءِ، جند آجي ڪرڻ لاءِ ڪا واهہ ڳولڻي پوندي. سهي حياتي ماڻڻ لاءِ.